هراڻ

ي ادبي بورڊ جو سہ ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ١١، نمبر ٣

جولاء، آگسٽ، سپٽمبر

سال ١٩٦٢ع

No: 662

٢-٥٠



ي ادبي بورڊ

يدرآباد سنڌ

”سڀني ملڪن ۾، شاگرد توڙي استاد اقوام متحده جي مقصدن کي مڪمل ڪرڻ ۾ سڌيءَ طرح حصو وٺي سگهن ٿا. ڪين گهرجي ته هو عوام کي اقوام متحده جا دوررس مقصد ۽ سرگرميون سمجهائڻ ۾ تعاون ڪن، ۽ ان جي سڀني ڪارروائين ۾ مڪمل حمايت ڪن. اسان کي پنهنجي طاقت يڪجا ڪرڻ کپي، ته جيئن نئين زماني جي زبردست چئلينج جو مقابلو ڪري سگهجي، ۽ اسين، ’چارٽر‘ جي جملن موجب، ’سڀئي پاڙيسرين وانگيان، هڪٻئي سان گڏجي، امن جي فضا ۾ رهڻ‘ سگهي وڃون. سترهن سال ٿيا جو اقوام متحده جي باني جڏهن اِهي جملا ’چارٽر‘ ۾ درج ڪيا، تڏهن امن امان ۽ سٺي پاڙيسري هجڻ جو احساس سندن ذهنن ۾ هو، جيڪو هڪ بهتر زندگيءَ لاءِ لازمي آهي، ۽ هاڻي اِهو خود ’زندگيءَ‘ لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿي پيو آهي.“ [اقوام متحده جي خبرنامي تان ورتل — خاص اشاعت، آڪٽوبر ١٩٦٢ع]

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ١١] [نمبر ٣

## فهرست


گذارش ـــ ادارو. سنڌ جو لافاني شعر: بيت ـــ سامي

شعر: بيت (ص ٩)؛ ڪافيون (ص ١٠)؛ گيت (ص ١٥)؛ نظم (ص ٢٠)؛ آزاد نظم (ص ٣١)؛ غزل (ص ٣٨)؛ رباعيون (ص ٥٠)؛ قطعا (٥١).

افسانا

١. ڏڀڻ ـ علي بابا ٥٥

٢. ڳابڙو ـ شائق سنڌي ٦٤

٣. پٽ ـ نسيم کرل ٦٩

٤. واچوڙن ۾ لاٽ ـ حميد سنڌي ٧٤

٥. ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون ـ نثار بزمي ٨٣

٦. انڪار ۾ آ، اقرار ۾ آ ـ آمر جليل ٨٨

٧. ميريو (ترجمو) ـ غياث جوڻيجو ٩٤

مضمون

١. برج پاشا جو گراس ـ محمد سومار شيخ (ترجمو) ١٠٣

٢. حقائق الاشياء ـ ڪريم بخش چنا ١١٨

٣. سنڌ ـ هندستان جو دروازو ۽ ان جي ادبي قدامت ـ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ١٢٥

٤. تنقيدجي اوسر (ترجمو) ـ عبدالقيوم 'صائب' ١٣٣

٥. سميري ۽ بابلي تهذيب ـ عبدالوحيد صديقي ١٧٠

٦. 'طالب المولا' جو ڪلام ـ راز بلڙائي ١٧٨

٧. آسمان ـ جهامنداس پاٽيا ١٨٣

٨. شاهه جا ڪندرا ـ رحيمداد خان مولائي شيدائي ١٨٨


[ڪور جي ڊزائين لاءِ ادارو محترم ظفر ڪاظميءَ جو ٿورائتو آهي.]

ايڊيٽر: غ. م. گرامي

اسسٽنٽ ايڊيٽر: شمشيرالحيدري

# مهراڻ

٣- ڪئنٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ

ساليانو چندو

پاڪستان لاءِ ١٠ رپيا

ولايت لاءِ ١٢ رپيا

في ي

پاڪستان ٥-٢ رپيا

ولايت ٣-٠ رپيا

اشتهار في صفحو ١٠٠ رپيا

Printed and Published by the Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book-stall, 3-Cantonment, Hyderabad, Sind.

- پرميشر پرتڪ، 'سامي' سورج جان رهي،
انڌا ڏسن ڪينڪي، پٽي پنهنجي اک،
ڪوهه ڪرين جتن جتڪ، تو در در ديون جان.

- پاري ۾ پاڻي، تئن وياپڪ وسي سڀ ۾
سوڪم سنڌر پرينءَ جي، ڪنهن جاتائي جاءِ،
'سامي' سمائي، تنهن جي سرت سروپ ۾.

- ويدن جا وادي، اسين آهيون ڪينڪي،
نڪي جاڻون چيت ۾، الڪل استادي،
'سامي'، ڏني سنگروءَ، آنهيءَ لٽڪ آدي،
اها مرادي، سوگهي، آهي ماهه ڪئون.

- ويد پران پڙهي ڪري، تو لوڪن ريجهائين،
سپريان جي سڪ ۾، جهاتي نه پائين،
چاهه نه چکائين، تون پسين ڪئن پرينءَ کي؟

- ٻانهين، ٻَڌ مَ ڳالهه، ڪوڙا مايا موهه جا،
ڪَٿِيَ هٿندءِ ڪَنڌَ ۾، اها ڏاتر ڏاتِ،
ڇڏي ٻوٽيون ٻاٽ، جاڳي ڏس جڳديش کي.

- سهسين پڙهي سبقَ، حافظ ٿين ٻاڻ کي،
سمجهن ڪينَ سلوڪ جو، اٿارو احمقَ،
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ وَرَقَ،
ڏٺا جنهن طبقَ، ڇوڏهن پنهنجي چتَ ۾.

- چَريا سي چنجن، جي ٻاڻ پڙهائين ڪينکي،
ڳالهيون ويدن جون ٻُڌي، مَرم نه رکن مَنَ،
پنهنجيءَ ڪڇيءَ پاڙهيءَ، جوڙي سيلَ وجهن،
سامي! ڪين ڏسن، جهاتي پائي گهر ۾.

- اکين منجهه آهين، اکيون عجيب جون،
جيتي ڏسان نينَ ڀري، تيتي واجهائين،
مٺون پاند مهر جو، هڪ لحظو نه لاهين،
لڳون لون لڳائين، دَرسن دردوندن کي.
— سامي

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

# ا

## بيت

خادم سروري.

## ڪافيون

خادم سروري، معمور يوسفاڻي، احمد خان 'آصف'، نيازعلي شاهه 'محسن'، عبدالجبار 'شام'، محمد صالح سپيو، عبدالڪريم ٻلي.

## گيت

امداد حسيني، لڪميچند 'پريم'، ڪشور ڀوڄا، قيوم طراز، عبدالله 'خواب'، بلاول پرديسي.

## نظم

محمد خان 'غني'، محبوب سروري، تاج بلوچ، سليم ڳاڙهوي، سوز ٽڪڙائي.

## آزاد نظم

گوورڌن محبوباڻي، نعيم دريشاڻي، امداد حسيني.

## غزل

نوازعلي 'نياز'، احسن الهاشمي، شيخ راز، سليم ڳاڙهوي، امداد حسيني، لڪميچند 'پريم'، نعيم دريشاڻي، نيازعلي شاهه 'محسن'، ايم. ڪمل، واسديو 'نرمل'، تاج بلوچ، عبدالله 'خواب'، نثار بزمي، محبوب سروري، جليل سروري، حليم ڪولائي، ولي محمد 'وفا'.

## رباعيون

حافظ محمد احسن، گوورڌن محبوباڻي.

## قطعا

علي محمد مجروح، سليم ڳاڙهوي.

”اديب ۽ لکندڙ، مختلف قومن ۾ تمدني خيالن جي ڏي-وٺ جي ذريعي، انسان جي تقدير کي فيصلہ ڪُن صورت ڏيئي سگهن ٿا. نامور لکندڙ لکين ذهنن کي متاثر ڪن ٿا: انهن جي پاڻ ۾ شخصي دوستي قائم ٿيڻ سان دنيا جي مختلف قومن لاءِ هڪبئي کي بهتر نموني ۾ سمجهڻ جو خوشگوار ماحول پيدا ٿئي ٿو. اوهين پنهنجين لکيتن سان ’يونيسڪو‘ [اقوام متحده جي بين الاقوامي تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي تنظيم] جي ٺهرائن کي مقصد ۽ عملي جامو ڏيئي سگهو ٿا، ۽ انسانن جي دلين ۾ انسان-دوستي ۽ امن، آزاديءَ ۽ انصاف جا امنگ ۽ جذبا پيدا ڪري، انهن ٺهرائن کي حقيقت ۾ بدلائي سگهو ٿا. اوهين عالمي امن جي خواب کي جسم ۽ جان ڏيئي سگهو ٿا. اڄ دنيا جون اکيون اوهان ۾ کتل آهن، ۽ سڄي انسانذات اوهان جي فڪرن ۽ بحثن مباحثن کي اميدن ڀريل نگاهن سان گهوري ۽ جاچي رهي آهي.

”جنگ، فن ۽ تمدن جي وڏي ۾ وڏي دشمن آهي. صدين جي فني ۽ ثقافتي سرمايي کي جنگ هڪڙي لحظي ۾ تباهہ ۽ تلف ڪري ڇڏي. انهيءَ ڪري، اوهان قلم جي ڌڻين کي، يڪمشت ٿي، انهيءَ خطري کي ٽارڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. اوهان جي قلمن جي طاقت سموريءَ دنيا جي تباهہ ڪُن هٿيارن جي طاقت کان وڌيڪ جبري آهي. ادب ۽ فن جا شهڪار فقط امن امان ۽ صلح سانت ۾ ئي سلامت رهي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري، اوهان لکندڙن تي اهو هڪ اخلاقي فرض عائد ٿئي ٿو تہ اوهين امن جي حفاظت ڪريو، ۽ امن کي ڊاهيندڙ طاقتن سان جنگ جوٽيو.“ — آر. اين. اگروال [ايشيائي اديبن جي ڪانفرنس — دهلي، ٢٣ کان ٢٨ ڊسمبر، ١٩٥٦ع — ۾ ڪيل مرحبائي تقرير مان اقتباس.]

اجايو ڏکن جي شڪايت ڪرين ڇو،
ٻـئي ڏينهن، اي دل، ڏُکيا يا سُکيا ٿيي.
ميلي ويندو هڪ ڏينهن محبوب، 'محسن'،
ڏئـيء مان نـہ مـون آهـ اميد لاٿيي.

## عبدالجبار 'شام'

*

سات ويو جو رات، الا،
مون کي ڏاگهن جو کو ڏس ڏيو.

ڪَرهن سندو قافلو، نيو تہ ڏاڍيء ذات ـ الا...
ڏيء تہ ڏاري آهيان، ذات تي ناهي ڏات ـ الا...
پيو تہ پُجهان ڪينڪي، رکي برهہ جي بات ـ الا...
ورتيم واٽَ وندر جي، وائي ڀُنهل جي وات ـ الاَ...
مرشدَ لالَ لطيف جي، آءُ ڪريان ڪا لات ـ الا...
آهي 'عبدالجبار' کي، تو ريء ٻي نہ تات ـ الا...

## محمد صالح سپيو ڪربلائي

*

ويـٺا قسمت ڇا هـتي ڏينهن ڪٽيون،
ڪڏهن، دوست، اوهان کان دل نہ مٽيون.

آهـي ڏيـنهـن آهـي رَوَ راتيون سڀ،
آهـي مـحـب مـزا، مـلاقـاتيون سڀ،
آهـي بـرهـ واريـون بـرساتيون سڀ،
مون کي ياد آهن، ڪين هيئين تان هٽيون.

هيـئن ڪنهن آ امان کي دور ڪيـو،
مـجبـور زمـاني آهي مـجبـور ڪيـو،
بـمـدردن هـيءُ دستـور ڪيـو،
تڏهن ور ور ڏيو پيون ورهہ جون وٽيون.

هيڏا ڏينهن جدائيءَ جا گهارڻ،
هيڏا وِرهه وڇوڙا سر وارڻ،
هيڏا قول ڪيل سڀ پيا پارڻ،
هيڏا، 'صالح'، ويندا سانگ ستيون.

محمد صالح سپيو ڪربلائي

*

سکهو ورَ، وِلهيءَ جا تون وارث وسيلا،
وڏيم تو لڻ فالون، هلايا مون حيلا.
ڏنم ڪانگ کي ڪالهه تو لڻ نياپو،
جڏيءَ جو آهه کهڙو جڳ يا تو ري جياپو،
مليو هوندو آن کي ڏکيو سو ڏوراپو:
اوهان جي وڇوڙي وِڌا نيٺ وِيلا.
ڏکيا ڏينهن ڏاڍا ڏکن جا ٿا گذرن،
وڇوڙي جا ور ڏيو نوان سور نيسرن،
محبت جا ميلا نه وِسريا، نه وِسرن:
لڳيم تنهنجي لوري اصل کان آميلا.
گهٽا گهنگهرا ڏينهن گهاريم گهنگهر ۾،
اچي رس رُليل کي، پُليل کي، تون بر ۾،
تون رک هن نمائيءَ کي پنهنجي نظر ۾:
ٿيا رنگ جنهن جا آهن زرد پيلا.
تون 'صالح'، سباجهو اصل کان جو آهين،
سيئي توکي سريو، ڪرين جيڪي چاهين،
متان هٿ سهر جو، لالڻ، تون لاهين:
سچي جڳ کان سهڻا، شهنشاهه شڪيلا.

عبدالڪريم بلي

*

نينهن نهوڙي آهيان، اديون،
ڪنهن جي وجي در داهيان، اديون!
لوڪ لاڳاپا سيئي لاهي، ڪيچ ڏٺيءَ ڏي قربون ڪاهي،
پرت پنهنجي ٿي لباهيان، اديرن.

ور ڏيو، بي سبب ورايو، چوٽيون عبث سون کي سمجهايو،
وس ۾ جڏهين لاهيان، اديون.

سحب سڀئي منٺار سڄڻ جي، جيءَ جڏي جي جيار سڄڻ جي،
چانئُٺ چمڻ ٿي چاهيان، اديون.

پنهنجو پاڻ 'ڪريم' سڃاڻي، سڪهو اچي سو ٿيندو ساڻي،
جنهن جي پٽ ٿي ڪاهيان، اديون.

عبدالڪريم پلي

*

بيزر پانهي تنهنجي آهيان،
سينو ڪهڙو توسان ساهيان.

پيارا تنهنجي پرت پياريءَ، منهنجي جڏڙي جان جياري،
پٽ پوءِ تنهنجي ڪيئن نه ڪاهيان.

هر هر، سهڻا، توکي ساري، نت نت تنهنجيون راهون نهاري،
لڙڪ اکين سان ويٺي واهيان.

'وَنٽحَن'' واريون واري وايون، جيءَ ۾ جوڙيئه جڏهن جايون،
ڳُڻ پوءِ تنهنجا ڪيئن نه ڳائيان.

پرين سان پر، اي سهڻا سائين، هردم ٿو تون پال پلائين،
آس 'ڪريم' ڪيئن توسان لاهيان.

# گيت

امداد حسيني

## آئين ڏ بهارن سان

ساوڻ ٻہ ويو گذري، هاءِ، آئين نہ بهارن سان!
دل ڪيترو جيءِ سگهندي، صرف يادن جي سهارن سان!

رات ٻہ منهنجي وياڪل من جيان پاڻ کان هئي بيزار،
چنڊ ٻہ آيو، هاءِ، انهيءَ دم هار ڪري سينگار:
تنهائيءَ جو ٿيو احساس، چنڊ کي ڏسندي ستارن سان.

مست هوائن جون تلوارون سيني منجهان آڪٽيون،
هاءِ، تمنائون ويچاريون سڏڪي سڏڪي ستيون:
اکين سان وهيو دريا، هاڻ ڇا ٿيندو ڪنارن سان؟

سڀ ڪا پنهنجي ور سان واڪيل، ڪيترو پاڻ جهليان؟
آءٌ اڪيلي، درد جي ماري، ڪنهن سان سور سليان؟
دنيا کي رسي وڃبو، ڪير پهچي ٿو پيارن سان!

رات کي ڪيڏي پيار منجهان پيو صبح ڳر هاڻي پائي،
هاءِ، اسان جي گهايل من کي ڪير اچي پرچائي!
مشڪل ٻہ هجي هڪڙي، ڪير پهچي ٿو هزارن سان؟

لکميچند 'پريم'

## راڳي

دُور اُفق کان جنهن دم، راڳي، تنهنجو ٿو آواز اچي،
وياڪل مَن جو مور اچي مستيءَ ۾ ٿو ان وقت نچي.

سوز منجهان تون ساز وڄائي،
تنهن تي مٺڙا گيت ٻُڌائي:
مستيءَ ۾ تون گيت ڇڏين ٿو لهر ٻٽائي، عرش آڏائي،
نڀ-منڊل جي لهرين جي ٿي ڀُو-منڊل تي موج مچي:
تنهنجو ٿو آواز اچي.

تنهنجي منڙي سڌر راڳڻي،
آهي جيئن مدهوش ڪاڻي:
وار ڪينڊيري، يڪتاري تي، پيروُ ڳائي، جيئن ويراڳڻي،
تنهنجي ساهون وٽن ليٽن، پوتن جي ٿي راس رچي:
تنهنجو ٿو آواز اچي.

آهين، راڳڻي، بيشڪ گهايل،
تو ۾ آهي سوز سمايل:
شايد تون بيدرد زماني جي سورن جو آنهي ستايل،
تنهنجو هيردو، 'پريم'، پريم جي آگ ۾ ٿو اِن لاءِ پچي:
تنهنجو ٿو آواز اچي.

ڪشور ڀوجا

## ٻٽي پڙاڏو لولي

ڪن-ڪن ڳائي پيو من-پنورو،
لال ڏسي هيندوري!
ڪيئن سُجاڻي، ڪير تو ڄاڻي؟
ٻولي تو چت چوري!

اکين جي پلڪن تي آ ڄاڻي، ڄاڻي ننڊ جي راڻي؛
سپنو عجب ڏسي مُسڪائي، ننڊ ٻٽي آ ڪاڻي؛
جاڳي نيند، سڌي تهڪن سان، من کي لُڀائي واڻي:
ڇڏي ڪم ڪار، گودڙ ڪتان سان، خوب ٿئي ڪڏجاڻي!

ڏسي ڪُڇ، ٻُڌي ڪڇ، سمجهي ڪُڇ،
من جا ڀاوَ ورلوڙي!
ڪير سُجاڻي، ڪير تو ڄاڻي؟
ٻولي تو چت چوري!

ڏس اکيون گل، ٽوي من جو گل، لال ٻتيس سان گولي؛
پري ڇڏي ويران چمن جي، لال جي تهڪن جهولي؛
عجب نهارَ، ٻٽيا سڌَ نيارا، ٻُڌ توتيلي ٻولي:
ڪير نه پرکي عجب اشارا، ٻٽي پڙاڏو لولي!
من وندرايان، ڳلي لڳايان،
لال سان ڳالهيون اوري!
ڪير سُجاڻي، ڪير تو ڄاڻي؟
ٻولي تو چت چوري!

تون جي اچين تان شاهه سڏايان،     بخت سڪندر پنهنجو پايان،
ڳڻ ڳائينا تنهنجا ڳايان،     دنيا پنهنجيءَ کي بدلايان:
پاڻ وڃايم توکي پائي، توکي پاتم پاڻ وڃائي.

خيال ۾ تنهنجي محو رهان ٿو،     بنا ڏسڻ جي توکي ڏسان ٿو،
سهڻا سهڻا 'خواب' لهان ٿو،     جنت جي لوڏڻ ۾ لڏان ٿو:
پاڻ وڃايم توکي پائي، توکي پاتم پاڻ وڃائي.

<u>بلاول 'پرديسي'</u>

## پاپي هي سنسار

پاپي هي سنسار، او پيارا، پاپي هي سنسارا

هي جڳ ڪنهن سان ڪين نڀائي،
دل جو لڳائي، درد ڀرائي —
ڪوڙو قول قرار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

هن دنيا ۾ پاپ ٿا پلجن،
دل تي ستم جا پربت ڪڙڪن —
آهه پريشان پيار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

ڪوني جڳ جا ڍنگ ٻه ڪوتا،
ڏيک ٻه ڪوتا، رنگ ٻه ڪوتا —
ڪوتو سڀ سينگار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

دل وارن تي دنيا وارا،
ڪن ٿا تيرن جا وسڪارا —
جيئڻ جڻ آزار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

ظاهر سونا، دل جا ڪارا،
پريت جا ڇاڻن هي جڳ وارا —
سُورن جو سنسار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

رات انڌيري، ڪم ٿيون راهون،
نانگ غمن جا ڪن ٿا ڪاهون —
منزل ٿي دشوار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

منزل کان اڃ وڇڙيا ماهي،
قسمت بگڙي، ڀٽڪيا راهي —

جيئڻ ٿيو لاچار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

وقت جي طوفانن جا گهيرا،
آس جي ڪشتي پرزا پرزا—
جت ڪٿ پاڻي تار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

سيج سُڄيءَ تي نيڻهن نمائي،
ويٺي لڙڪ وهائي رائي—
ڪاهي ڪو غمخوار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

دل ڳايا دردن جا ترانا،
ڇلڪيا اکڙين جا پيمانا—
مَن کي ناهه قرار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

جيوَن جي هن دوراهي تي،
پريت جي پيامي 'پرديسي' کي—
جيئڻ ٿي ويو بار: او پيارا، پاپي هي سنسار.

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ



لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

# نظم

محمد خان 'غني'

## پيغام شالامار

منهنجو شاهي باغ شالامار ٿيو توکي خطاب
دور کان آيو آهيان ڏي جلد کو مون کي جواب

ڇا سبب آهي جو حسرت کي نمايان ٿو ڏسان
ياس آهي رنج آهي غم فراوان ٿو ڏسان

هر رَوَش تنهنجي رهي ٿي ڪنهن جي غم ۾ سوگوار
سنگ جي اک جي ڏسان ٿو سا بہ آهي اشڪبار

آهي لالا ڪنهن جي ماتم ۾ ڍڪيو خوني ڪفن
مرثيه خوان ٿو ڏسان ڇالاءِ مرغانِ چمن

ڪنهن جي رخسارن جي روءِ کان شرمسار آهي گلاب
ياد ڪنهن جي زلف جي ۾ کائي سنبل پيچ تاب

هيءَ نزاڪت آهہ ڪنهن جي نسترن جي ناز ۾
ڊول ڪنهن جي چال جو ٿيو ڊبل جي انداز ۾

ڪنهن جي نيڻن جو نظارو ياد نرگس ٿو ڪري
چو رهي بيمار ٿو ڇالاءِ ڳڻتين ۾ ڳري

ڪنهن جي قد جي ياد ۾ ٿيا سَرُوَ تنهنجا سرنگون
چوسيو ڪنهن جي چمن سان آهہ مينديءَ لال خون

ڪنهن جي دامن کي ڇڪڻ لئي خار آهن منتظر
۽ سلاميءَ لئي ڪڙا اشجار آهن منتظر

ڪنهن جي پابوسيءَ جو آهي شوق سبزه زار کي
منظر ڪنهن لئي ڏسان ٿو هيئن درو ديوار کي

هي بلند اشجار منهنجا بانگاهِ منتظر
تشنہ لب تو ڏانهن ڏسن ٿا جلد اچ سيراب ڪر

منهنجي بربادي نہ ڏس، ڏس باغِ هندستان کي
چور دست و پاء همت جوش کي جولان کي

زندہ قومن جي تہ هر لحظي ۾ حرڪت ٿي رهي
جن هلايا همٿ آنهن جي هٿ حڪومت ٿي رهي

حيف تو آهي وساريو ڪارگر تدبير کي
مورد الزام سمجهين ٿو فقط تقدير کي

عزم تنهنجي ساڻ ڏسجي ٿو انين پيو باليقين
پاڪ دشمن کان ڪري تون ٿو سگهين هيءَ سر زمين

اج بہ لهرائي سگهين ٿو تون علم اسلام جو
شرط آهي ڪو اثر توتي ٿئي پيغام جو

جي اِئن ٿيو پوء ڏسجان تون وري رنگِ چمن
جي ائين ٿيو پوء ڏسجان زينت هر انجمن
جي ائين ٿيو پوء منهنجي شاخسارن کي پسيج
جي ائين ٿيو پوء منهنجي سبزه زارن کي پسيج
جي ائين ٿيو پوء منهنجون رونقون ڏسجان 'غني'
جي ائين ٿيو پوء منهنجون مجلسون ڏسجان 'غني'



# نظم

محبوب سروري

## مست

بي لغام ۽ بي مهار،   چٽڪ پارن ڪان بہ پار،
توڙي دشمن توڙي يار،   ڪنهن کي مڪ ۽ ڪنهن کي مار،
ڪنهن کي ٺڪ ۽ ڪنهن کي گار،
جيڪي آيو سوئي ڪار،
ڪهڙي مستن تي ميار.

*   *   *

ڪنهن گهڙي ڪاوڙ ٿا ڪن،   ڪنهن گهڙي سرڪيو سلن،
ڪنهن گهڙي کلندا وتن،   ڪنهن گهڙي رئندا رهن،
ڪنهن گهڙي ناانگا نچن،
عام آڏو آشڪار،
ڪهڙي مستن تي ميار.

*   *   *

ننڊ ڇا آرام ڇا،   صبح ڇا ۽ شام ڇا؟!
ڳوٺ ڇا ۽ ڳام ڇا،   ننگ ڇا ۽ نام ڇا؟!
ڪفر ڇا، اسلام ڇا،
سڀ ڪيائون درڪنار،
ڪهڙي مستن تي ميار.

*   *   *

ڇا ڪلام ۽ ڇا سلام،   ڇا ادب ڇا احترام؟!
ڇا حلال ۽ ڇا حرام،   ڇا زمانو ڇا نظام؟!
پنهنجي مستيءَ ۾ مدام،
ڪونہ ڄاڻن دوست يار،
ڪهڙي مستن تي ميار.

*   *   *

چا فلڪ ۽ چا زمين، چاهي دنيا چا هي دين!؟
چا خراب ۽ چا حسين، چا گلا چا آفرين!؟
ٿا تفاوت سڀ ڇڏين،
پنهنجي ڇريانيءَ سان ڀيارا!
ڪهڙي مستن تي ميار.

* * *

ويا پچي قيد سماج، سڀ ڇڏي رسم و رواج،
تن جي دل بي احتياج، تن جو ڀورالو مزاج!
ڪونہ چاهن تخت و تاج،
۽ نہ فڪر روزگار،
ڪهڙي مستن تي ميار!

* * *

سر برهنہ بي لباس، پنهنجي مستيءَ ۾ ئي راس!
جن جي اکين ۾ اداس، جن جي دلين ۾ پياس!
جن جي ڏسندي ٿئي حراس!
جن جي ٿي دنيا ئي ڏار،
ڪهڙي مستن تي ميار.

* * *

ڪٿ فقيرن سان فقير، ڪٿ اميرن سان امير،
ڪٿ سڏائن ٿا حقير، ڪٿ سڏائن ميرؔ، پيرؔ،
تن جون ڳالهيون بينظير،
تن جون رمزون بيشمار،
ڪهڙي مستن تي ميار.

* * *

هئو سدائين سر بلند، ڪن سين تي ڪارگند،
تن کي آزادي پسند، ڪونہ سمجهن قيد و بند،
يا تہ دامن تنڊ تنڊ!
يا گريبان تار تار!
ڪهڙي مستن تي ميار.

* * *

ٻاڻ ٻنهنجا پاسبان، ٻاڻ ٻنهنجا رازدان،
خود اسيرِ ڪاروان، خود زمين، خود آسمان،
ٻنهنجي دل جا حڪمران،
ڄڻون جا تاجدار!
ڪهڙي سٽن تي سيار!

”تاج“ بلوچ

## وڇوڙو

ٿهڪ ڏيندي، مسڪرائيندي، حسين تر جل پري،
منهنجي دنيا ۾ ڪڏهن آئي هئي سينگارجي؛
گردشِ حالات ڪان، هوءِ ٿي وئي مون ڪان پري،
هوءِ وئي ڇا، ٿي وئي بيڪار منهنجي زندگي.

## ڇوري

اڄ سرِ راهہ هڪ ڇوريءَ کي ڏٺم،
نازڪ و نازنين، ماهہ لقا.

هن جي گردن صراحي دار هئي،
گول اکيون، سڊول جسم هئس.

رات ڪاري ٻہ شرمسار ٿئي،
اهڙا ڪارا تہ هن جا زلف هئا.

پيٽ هن جو صفا اگهاڙو هو،
هن جي ڇاتي ٻہ نيم عريان هئي.

صرف هڪ چيلهہ تي هئس ڪپڙو،
جو هلڻ سان ڪڏهن لهي ٿي ويو.

ڊيل وانگر ٺلي ٺلي ٿي هلي،
چال هرڻيءَ جيان هئي ٿي هلي.

جنهن گهڙيءَ بيخوديءَ ۾ مرڪي ٿي،
مسڪرايو ٿي ڪائنات سڄي.

پانيان، خالق به خود ڪليو هوندو،
پنهنجو اعليٰ هي شاهڪار ڏسي:
جيڪو دنيا جي نوڪرن ۾ آهي،
جنهن کي پنهنجو نشو ڪري ڪوئي،
جنهن سان همدردي هڪ فريب آهي!

## انسان ۽ برقي تارون

اسان ۽ اوهان ڪان ته بهتر ٿي ڇٻيون،
مدبر ۽ سچار، اڪرن جون پوريون:
لڪين ڪوهه پرتي نياپا نيئن ٿيون،
سراپا بنسي راز لڌنديون رهن ٿيون،
ڪڏهن ڪنهن جو احوال ٻئي کي نه ڏينديون:
هي بيجان ذاتون، هي بجليءَ جون تارون.

انهيءَ جي مقابل جي انسان کي ڏسجي،
دغاباز، ٺرڙو ۽ مڪار آهي.
اگر ڪنهن جو هي راز محرم ٿئي ٿو،
خدائي سڄيءَ ۾ پڙهو ٿو گهمائي.
جڏهن جڳ سڄي ۾ ٿئي ٿو هو رسوا،
تڏهن ابن آدم خوشي ٿو منائي.

## صدا

(ڪنهن ڪاڳارين جي ڪامياب فضائي دوري ڪان متاثر ٿي)

عرش تي پنهنجو ٿيندو مسڪن،
امر ٿيو انسانن جو فن!

تاريڪين ڪان خطرو ڇا جو؟
پنهنجي دنيا روشن روشن!
بجلين تي پي پنهنجو قبضو،
توکي ڇو آ خوف گلشن؟

حسن سلامي عشق جو ٿيندو،
ڇا جي وحشت، ڇا جو دامن؟
ان سان پنهنجو رستو ناهي،
جيڪو انسانن جو دشمن!

عرش تي پنهنجو ٿيندو مسڪن،
امر ٿيو انسانن جو فن!

سليم ڳاڙهوي

## اي ساقي!

پنهنجي قسمت کي جوڙ، اي ساقي! ناآميدي نهوڙ، اي ساقي!
سک جون سيجون وڇائيون، ليڪن، ڏک جا ڏنيو مروڙ، اي ساقي!
لعل جنهن ۾ لڪي رهيا سچ جا، ڳنڍ اهڙيءَ کي ڇوڙ، اي ساقي!
پاڻ پنهنجو سڃاڻجي پيارا، تو ۾ خوبيون ڪروڙ، اي ساقي!
تنهنجي منهنجي ته آهه پيڙي هڪ، تون ٻيائيءَ کي ٻوڙ، اي ساقي!
نينهن وارو عظيم ناتو آهه، بس، نباهيج توڙ، اي ساقي!
ڪير سان ٿو ٿئي مکڻ پيدا، ڪين پاڻي ولوڙ، اي ساقي!
خون انصاف جو ٿئي جنهن سان، اُن ڪٽاريءَ کي ٽوڙ، اي ساقي!
ماڳ، منزل، مراد ماڻيندين، پاڻ پنهنجو پتوڙ، اي ساقي!

زندگيءَ جي 'سليم' راهن ڏانهن،
مُنهن زماني جو موڙ، اي ساقي!

'سوز' لڪڙائي

## آرزو

سڙي سڙي، مٺا، مون پنهنجي زندگي تباهه ڪئي،
مگر ڪڏهن نه، بيوفا، تو مون سان رسم وراهه ڪئي.
ڪيئه جي مون ساڻ واعدا، سي ڪين پنهنجا پاريئه،
رهي سدا رقيب ساڻ، اي سڄڻ، وساريئه.
هئي هيءَ آرزو ته وقت ڪو ته توسان گهاريان،
هي دردِ دل ۽ رنج و غم، الم، سڀئي وساريان.

مگر هي آرزو بہ دل جي دل اندر رهي، مٺا،
وفا جي بدلي مون کي، اي صنم، ڏني ٿي تو جفا.
ڪري تون قيد دامِ زلف ۾ ۽ پوءِ وئين هٽي،
هي لوڪ سارو مون تي تو ڪلائي، مون کي ڪيو لڄي.
جهان ۾ مان خوار ٿيس، ۽ رقيب خوش ٿيو،
ڏسي هي حال منهنجو ترس ڪونہ توکي ڪو پيو.
فراق تنهنجي ۾ روئي گذاريون مون راتيون،
اهائي آرزو هئي تہ توسان ٿينديون باتيون.
سڄڻ، سندءِ جدائيءَ جا پيا ڪي دل ۾ سچ مچن،
مچي سچي وساميا، وسامي پيا وري دکن.
اوهان جي لاءِ هجر ۾ هنجون ٿو روز هاريان،
اٿي اٿي پڪاريان، نمي نمي نهاريان.
جي هڪ دفعي اچين اڱڻ تہ جان و دل ڪريان فدا،
۽ ساھ ساڻ سانديان، نہ پل بہ هڪ ٿيان جدا.
اي 'سوز' غم نہ ڪر هي آہ تنهنجي ڪو ڪندي اثر،
ڪڏهن تہ نيٺ يار تنهنجو توتي ڪا ڪندو نظر.

۽ سدا مست اکڙين جو وس!
منهنجي لفظن مان آهي "پليٽو" جي نهضت جي عظمت عيان، منهنجي لفظن ۾ "سقراط" و "بقراط" جو فلسفو، منهنجي لفظن ۾ "خيام" و "حافظ" ۽ "ميرا" جو رنگ!
— منهنجي لفظن کي آهي پنائيء سان عشق!
ايترين خوبين جي ٻه هوندي، اي دوست،
تنهنجي اڳيان جڏهن ٿو اچان،
مهربان، عشق جا آسمان، حسن جا گلستان،
رازدان،
جانِ جان،
حاصلِ دوجهان!
ٿيو وڃان بيزبان، ڳالهه اکلي نٿي:
دل ۾ گهٽجيو وڃن ڪيترا داستان:
دل جو دل ۾ ئي رهجيو وڃي، هاء، لفظن جو سيلِ روان!



# غزل

## نوازعلي 'نياز' جعفري (مرحوم)

پُر پيالو سون وجايو، ڪلهه خيالِ خام هو،
چشم پُرنم آ اڄ ڪتل منهنجي خالي جام هو.
خارَ ڏني ٿو صبح ڪاندي منهنجي مايوسيءَ تي اڄ،
رنگ تي اميد جي گل جو ڏنم ڪلهه شام هو.
خوش نظر قاصد اچي ٿو ڪين اڄ، آهي اُداس،
همت افزائي هئي ڪلهه يار جي پيغام ۾.
جنهن جي پاڇي ۾ پليس، ڪلهه ويو چڙهي صياد سو،
مرد مهريءَ سان هلن اڄ، آهيان تن جي سام ۾.
ڪلهه قفس ۾ جسم هو ۽ اڄ قفس ۾ ٿي زبان،
هوس ڪلهه پئي دام ۾ ۽ اڄ ٻه آهيان دام ۾.
ڪالهه پرَوس هوس ۽ اڄ آهيان ٻيوس، ڇا چوان،
زندگيءَ تي وس نه هو آغاز ڇا انجام ۾.
ڪالهه جن جو درد پنهنجو سمجهي دانهون ٿي ڪيم،
اڄ ڏسي بيهوش، سمجهن ٿا سون ڪي آرام ۾.
قوم جو هو درد سڀ کي، ڪالهه هو هرڪو غلام،
آه آزاديءَ ۾ سڀڪو پنهنجي اڄ ماتام ۾.
هو فلڪ چڪر ۾ ڪلهه، گڏ هو نياز ۽ بي نياز،
خود 'نياز' اڄ ٿو ڦري ڏس گردشِ ايام ۾.

## احسن الهاشمي

رهيو آهه تنهنجي ستم تي سدا غرور سون کي-
خدا جو سونهن ته نه رکجنين غمن کان دور سون کي.

اي درد، طاقتِ برداشت کي تسلي ڏجئين-
جو يار پاڻ ٻه سمجهي ٿو بي قصور سون کي.

## لکميچند 'پريم'

●

بيزباني بہ ڏيئي زبان رکي،
دل ۾ ڪيئي ٿي داستان رکي.

عشق ۾ آسڪ ٿي وهائي آڪ،
ڪيئن سانديي سي رازدان رکي!
مون کي تنهنجي يقين تي آهه يقين،
تو ۾ دنيا پلي گمان رکي.

آزمائش جو وقت ڪنهن کي آهه،
ڪير سير ۾ ٿو امتحان رکي!
ڪيئن گهٽ وڌ ڪندو ڪو پنهنجو وجود،
زندگي خود ته ٿي نشان رکي!

دل کي ديدٌون ته ڪين آهن، پر،
دل ته ديدن ۾ ٿي مڪان رکي.
'پريم' جي بيپناهه خاموشي،
ڪيئي طوفان ٿي، مهربان، رکي.

## نعيم دريشاڻي

●

هوا ۾ روح اسان جا ٿا ڪن پيا سُس پُس،
چپن تي پنهنجي اگرچ آهه طاري خاموشي.

فضا ۾ پيارَ ڀري ٿي وڄائي الغوزو،
ٻنهن بہ آهه پڪيڙي طلسمي موسيقي.

پساهه پنهنجو لڳي ٿو پيو ٻنهه ڦاريو،
اَ گهڙي ڪيتري هيءَ چيچيات چوڏاري!

'نعيم'، پنهنجو جياپو تہ هُن جي قربت آ،
تڪي بہ سگهنداسين ڪانئس ڇا ڀاڻ اِيئن وڇڙي؟

## نيازعلي شاهہ 'محسن'

●

ذرّي ذرّي سان پيار ڪر تہ مڃان،
هيءَ روش اختيار ڪر تہ مڃان.

ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جو،
عمر ڀر انتظار ڪر تہ مڃان..

هر قدم، هر نفس الم انگيز،
حسرتن جو شمار ڪر تہ مڃان.

زندگي خود وڏي عبادت آهي،
واعظا! اعتبار ڪر تہ مڃان.

اهلِ دانش کي پنهنجي نغمن سان،
بيڪل و بيقرار ڪر تہ مڃان.

هر ڪہ و مہ جي لاءِ، اي 'محسن'،
حالتون سازگار ڪر تہ مڃان.

●

لطف سمجهان، ڪرم، عطا سمجهان،
تنهنجي جورو جفا کي ڇا سمجهان؟

مون کي 'سائين' ڪري لکين ٿو خط،
هيءَ ٻي تنهنجي ٿو هڪ ادا سمجهان.

منهنجي تعريف ٿو ڪرين منهن تي،
مان تہ انهيءَ کي ٿو گلا سمجهان.

مون ڏي آهي سيار سيڪائي،
توکي بيڏوهہ ٿو، سنا، سمجهان.

تو مان 'محسن' رکي محبت، پوءِ،
ڪنهن کي موجود ڇو ڀلا سمجهان.

ايم. 'ڪمل'

●

ڇگو ٿيو اکين ۾ ئي ڳوڙها سُڪي ويا،
هي گوهر مٽيءَ ۾ ملڻ کان بچي ويا!

انهن جا ئي افسانا دلسوز هوندا،
جي مُحفل مان تنهنجي اُجايل اُٿي ويا.

اکين آڏو هر هر ڦري سي اچن ٿا،
نگاهن کان جيڪي نظارا هٽي ويا.

ڪڏهن دل کان ٻاهر نہ نڪتين تون ارمان!
اسان جي وچ ۾ جا ڏهاڙا اچي ويا.

لکي ڪير ٿو شمع - پرواني تي اچ،
جهانِ سخن جا فسانا ٿري ويا.

ڪڏهن لڙڪ هارڻ، ڪڏهن شعرگوئي،
’ڪمل‘، زندگيءَ جا ستارا لهي ويا.

واسديو ’نرمل‘

●

تي خزان پڻ ٿري بهار ٿئي،
جي ٿو پر ۾ هو گلعذار ٿئي.

ڪجهہ تہ منهنجي چمن ۾ پيدا ٿئي،
گل نٿو جي ٿئي تہ خار ٿئي.

ڏين ٿو جي غم تہ ڏي ڀلي، ليڪن،
يا خدا، ڪو تہ غمگسار ٿئي.

ڳالهہ تنهنجي نئي پئي هلي تازو،
شال تنهنجي وڏي چمار ٿئي!

ڏوهہ آ تنهنجي ياد جو ئي فقط،
مفت ۾ پيشي ننڊ خوار ٿئي!

عار سونا فقط ڪبا ڪيڏانهن،
ڪو تہ، ’نرمل‘، هنئين جو هار ٿئي!

واسديو ’نرمل‘

●

باغ اُجڙيل ۾ گلعذار تہ ڏس،
هيءَ خزان ساڻ گڏ بهار تہ ڏس!

ڀلجي ويندين تون سُرڪ سُڪڙين جي،
تون ڪڏهن سُرڪندڙ کو ٻار تہ ڏس!

ڏس تہ ھي آرزن جي قوس قزح،
ھيءُ جوانيءَ جو آبشار تہ ڏس!

آڳ ري پيا جلن ھي پروانا،
ھاءِ، ھي عاشقن جا پار تہ ڏس!
سر بازار پيا ٿا پير چمن،
راھزن جا بي ادب ھي خار تہ ڏس!

ڏس ذرا، ھو ڪو قافلو تہ نہ آ؟
ھمسفر، ھو پريون غبار تہ ڏس!

ڪنھن جي سمتا ٿي رات ۾ وياڪل؟
دور آڪاس ۾ ھوءِ ڪير ـ ڏار* تہ ڏس!

گل تہ چا، شمع ڪان بہ محروم آ،
ھاءِ، مفلس جي ھيءَ مزار تہ ڏس!

گويا شبنم سان گل پيا چمڪن،
نينڻ 'نرمل' جا اشڪبار تہ ڏس!

## تاج بلوچ

●

جيئن افق تي ٿو آفتاب رھي،
منھنجي ساغر ۾ ٿو شراب رھي.
چنگ يا نغمۂ رباب رھي،
قصۂ مطرب و شراب رھي.
رند مست شراب ناب رھي،
تنھنجو، ساقي! سدا شباب رھي.
جنھن کي تنھنجي نظر سرور ٿي ڏي،
تنھن کي ڇو حاجت شراب رھي.
سايۂ گيسوي صنم جو ھجي،
غنچۂ دل سدا گلاب رھي.
طبع سيماب سان جو پيار ڪري،
سو ٿي ٿو محو پيچ و تاب رھي.
زھر ٿي ڏي، مگر سليقي سان،
ڏس، جي مون کي ڪو اجتناب رھي.
تنھنجي نظرن جو اسرو ٿو ڪھي،
زندگي پل تہ عذاب رھي.
ھوند گستاخہ سوال ڪريان،
دل نہ جي واقف جواب رھي.
ڪير صحن چمن ۾ رقص ڪري،
ڪي گھڙيون گل تي ٿو شباب رھي.

* کھر ـ ڏار = ڪھڪشان.

## عبدالله 'خواب'

●

مزاجِ دل نہ ڪنهن تدبير سان بدلائي ٿو سگهجي،
طبيعت پختگيءَ کان پوءِ مشڪل سان بدلجي ٿي.

مهم هي سر ڪرڻ آسان نہ آهي، او جيئڻ وارا،
حياتِ جاودان مرگِ مراحل سان بدلجي ٿي.

شجر جي شاخ جيئن فيضِ ثمر سان رخ ٿي ڦيرائي،
دلِ ناآشنا تيئن آشنا دل سان بدلجي ٿي.

ضمانت رهبريءَ جي ٿي سگهي درسِ محبت ۾،
اهو هي فيض آهي، جنهن سان رهزن دل بدلجي ٿي.

جتي پنڌڪيل دليون ٿيون دڳ لڳن، بس، آهہ سو حاصل،
جتي گمراهہ دل پڻ عزمِ ڪامل سان بدلجي ٿي.

## 'نثار' بزمي

●

مصيبت ڪي ڏسي ناهيون ڀڄڻ وارا،
مرڻ کان اڳي آهيون مرڻ وارا.

اسان جي جذبہ دل ۾ قيامت آ،
اسين اگرن سٽان آهيون نچڻ وارا.

خفا ٿي دنيا وارن کان زماني ۾،
ستارن کان مٿي آهيون رهڻ وارا.

اسان کي ڪو ڏمي ساڙي محبت ۾،
پتنگ وانگي اسين آهيون پچڻ وارا.

ٽري وڃ، ناصحا! هاڻي نگاهن کان،
اهي ڪي گل بيا ڪانهيون ڪيڻ وارا.

چٽانن سان وڙهي جاٿون، لڙي جاٿون،
۽ خود تقدير سان آهيون لڙڻ وارا.

وڃي گرداب ۾ گهوڙو پلي گهر ٿي،
اسين جهٽ ۾ آهيون 'بزمي' لهڻ وارا.
اسين هُن پار جا آسائتا آهيون،
پلڪ ۾ وٺ پُڄائي، او پتڻ وارا.

'محبوب' سروري

●

ڏسان ٿو خواب جو تعبير، خواب کان ڀرين،
ڪرين ٿو قتل تون عاشقن، شباب کان ڀرين.
صراحي، بادہ و ساغر جو آهه ڪهڙو ضرور،
نشا ٿو چاڙهين نظر جا شراب کان ڀرين.
سوال منهنجي تي، چهري ۾ ايتري تبديل!
سون تنهنجي رخ مان ٿي سمجهيو، جواب کان ڀرين.
حسين جلد ۾ پوشيده، داستانِ غم،
رنو ته هوندو مصنف ڪتاب کان ڀرين.
عجيب طرز تي ڏسجي ٿو عشق جو قانون،
پوي گناهه ٿو ڪرڻو ثواب کان ڀرين.
نه آهيان هوش ۾، ساقي، تون ايترو ته سٽاءِ،
ڪباب ڀرين 'يان'، يا شراب 'کان' ڀرين؟
رخِ حسين تي ڏسي زلف، شيخ ٻانگ ڏني،
پڳوسين روزو غروب آفتاب کان ڀرين.
حضورِ حسن ۾، 'محبوب'، ذات پات نه آهه،
اڳهيو ٿو ذرو وڃي آفتاب کان ڀرين.

جليل سروري

●

حسين آهين، مٺا، تون هر هڪ بشر کان،
بچائي خدا توکي شل بدنظر کان.

نه ثاني خدا خلقيو آهه تنهنجو،
سندءِ جلوو وڌ آهه شمس و قمر کان.

اکي ٿو سکهين شيخ کان، سهڻا، ليکن،
اکڻ آ ڏکيو عاشقن جي نظر کان.

ڀلي حسن تي پردو وجهه، اي حسين، پر،
کڏهين چنڊ ڀي آ لکو ڪنهن ڪکر کان!

اجهو ڪي اچڻو وصل جو واءُ وريو،
خبر خوب آهي ملي نامه بر کان.

هي دولت، ڪرين عيش جنهن سان تون، ظالم،
ٿئي پيدا ٿئي بيڪسن جي پگهر کان.

نظر فڪر واري هنن کي نه آهي،
ڪندو ڪوئي حاصل ڇا اهلِ نظر کان.

جتي عقل وارن جون راهون کٽي پيون،
اسان اڳيرو وياسون آن رهگذر کان.

نه فڪرِ معاش آهه فرصت ڏني ڪا،
سندس ساٿ آهي رهيو عمر ڀر کان.

'جليل'، آهه خط لکندي ويو عرصو گذري،
نه آئي مگر ڪا خبر بيخبر کان.

## 'حليم' ڪوٽائي

●

مون کان دلدار پل ته ڌار هجي، مون کي هر وقت انتظار هجي.
مان سکون جي تلاش ۾ ناهيان، دل ڀلي منهنجي بيقرار هجي.
درد دلبر جو مون کي منظور آهه، "کو ته منهنجو به رازدار هجي".
مان آنهيءَ جي نٿو ڪريان تقليد، جو چوي ٿو، وصالِ يار هجي.
زخمِ دل کي نٿو ڪبي مرهم، منهنجي دامن تي لاله زار هجي

مشڪلاتن ۾ مسڪراءِ 'حليم'،
چشم ڇا لاءِ اشڪبار هجي.

## ولي محمد 'وفا'

●

جلوو پسڻ، جاني، منهن تان نقاب لاهي،
تنهنجي هي پرده داري، سون لئه عذاب آهي.

مدت کان مست آهن، سوالي سنديئي در تي،
پيامن کي پياري ڀَر ڪر، ساقي! ثواب آهي.

تنهنجوئي آهيان، تنهنجون واتون نهاريان، پوءِ پڻ،
سون ڏي اڃڻ ۾ توکي ڪهڙو حجاب آهي؟

توکي ڏسڻ سان اهڙو مخمور ٿي پيس، جو
ماڻهو چون ٿا ڪ هن پيتو شراب آهي.

ثابت قدم رهيس سان الفت جي راهه تي،
باقي اڃا به سون ڏي ڪهڙو حساب آهي؟

منهنجي 'وفا' جي صدقي، پنهنجي جفا جي صدقي،
اچ گڏ گذار ڪو دم، دنيا هي خواب آهي.



# رباعيون

حافظ محمد ،'احسن'

ڪر ياد اڳيون اوج ۽ عزّو اقبال،
خاموش نہ ٿي ويھہ، سڌارج اچ حال؛
روشن جي ڪرڻ پنھنجو ڪھرين مستقبل،
رک ذوقِ عمل، ڪر نہ رڳو قيل و قال.

ڏيکار تون ديدار، سڪايل آهيان،
ڏي ان جو تون لقمو، جو بکايل آهيان،
ڪجھ ڪين وٺي توکان سوا، اي دلبر،
ڏي وصل سندو آب، اُڃايل آهيان.

ڪھڙا نہ زمانہ ۾ جدا هي آيا ايام،
اشراف، ڪميڻن کي جھڪي ڪن ٿا سلام؛
اي دوست، ذرا رنگ تون ڏس دنيا جو،
زردار، غريبن کي تہ سمجھن ٿا غلام.

ڪر طاقتِ پرواز ڪي تون استعمال،
ڪر عزمِ مصمم ۽ تون ڪر استقلال،
رک پنھنجو تخيّل بہ بلند و بالا،
تا فتح ڪري تنھنجو اچي استقبال.

## ڪوورڙن محبوبائي

هَٿُ پَنَ جو جھلي، شاخ جي اينءَ پانھن ڇڪي،
اي بادصبا! ڇيڙ نہ تون غنچن کي؛
ٻچ منٿ، مٺي! هيت نہ هيءَ حرڪت ڪر،
ٻون کي تو، آلا، پنھنجو پرين ياد اچي!

گل ساڻ آٿئي پريت، مان ڪٿن سچ سمجھان،
اي حرص هيريا! ڄاڻين نہ تون پريت منجھان؛
هڪڙي کي چُمين مس، تہ ٻئي تي هرڪين،
ٻُوساڻجي مرندين تون ڪڏهن، ڪارَ سُنھان!

# قطعا

علي محمد 'مجروح'

زندگيءَ جي گردش ۾ آهي گم،
عشق جي سرمستين جو قافلو،
هڪ قدم توکان رکو پنتي هئس،
اڄ آهو صدين جو آهي فاصلو.

'سليم' ڳاڙهوي

اهو چيٽانگ جي موسم ۾ پيون سينهن ڪَنيون،
دل جي دنيا ۾ اٿن ٿا وري آواز نوان؛
سن نئون، ماه نئون، رنگ نوان، ڍنگ نوان،
ڪم نئون، دم به نئون، سوز نوان، ساز نوان.



# ٢

| | |
|---|---|
| ١. ڏهن | ـ علي بابا |
| ٢. گاهڙو | ـ شائق سنڌي |
| ٣. پيٽ | ـ نسيم کرل |
| ٤. واچوڙن ۾ لاٽ | ـ حميد سنڌي |
| ٥. ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون | ـ نثار بزمي |
| ٦. انڪار ۾ آ، اقرار ۾ آ | ـ امر جليل |
| ٧. ميريو (ترجمو) | ـ البرٽو موراويا |

سنڌيڪار: غياث جوڻيجو

"جيڪي ماڻهو انهن ڪمن کي اهميت نٿا ڏين جن کي عام ماڻهو اهميت ڏين ٿا، صرف اهي ئي ماڻهو انهن ڪمن کي اهميت ڏيئي سگهن ٿا، جن کي عام ماڻهو اهميت نٿا ڏين." - چانگ چائو.

علي بابا

# ڏُيڻ

غروب آفتاب جو وقت هو. مان شهر جي گوڙ گهمسان کان پري، مهراڻ جي ڪناري تي ويٺو قدرت جي حسين مناظرن کان لطف‌اندوز ٿي رهيو هئس. ٿڌي هوا لسگهڻ ڪري، مهراڻ جو صاف شفاف پاڻي، لهرون ڪالي رهيو هو- هر لهر هڪ عجيب چنچلتا سان وٽ ڪائيندي اچي ڪناري جي پڪن سان ٽڪرائجي، هڪ عجيب ترنگ جاڳائي ٿي وئي- پري وچ مير مٿان هڪ تارو ٿي... ٿي جا مڌر سر آلاپي رهيو هو. وري اچانڪ ڪا چنچل مڇي ٽپڙي ڏئي، هڪ عجيب ساز ڇيڙيو ٿي وئي، سڄي ماحول ۾ هڪ عجيب موسيقي پريل هئي. ڪناري تي پري پري تائين پکڙيل ساوڪ- جوار جون پوکون- نم- ٻڙ ۽ سرهه جا ڏگها ڏگها وڻ، جهومي جهومي قدرت جو ازلي ناچ نچي رهيا هئا. هتي اچي قدرت ڪيترو نه حسين ٿي ڏسڻ ۾ آئي! مون تي هڪ عجيب ڪيفيت تاري ٿي وئي هئي. مون نظرون ڦيرائي الهندي طرف افق ڏانهن نهاريو. پري تمام پري، جتي آسمان زمين جي مٿان جهڪيل هو؛ جتي ٽامي جهڙو ٽتل گول سج، هيٺ زمين ڏانهن گهوتو هڻي رهيو هو، جتان افق جا ڪرڻا ڦٽي رهيا هئا، آهستي آهستي- سج گهراين جي پاتال ۾ لهندو ٿي ويو ۽ افق جا رنگ ويتر گهرا ٿيندا ٿي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، هڪ عجيب سمو پڌجي ويو. مان گم سم ٿي، چوڌاري نهاري رهيو هئس.

انهي مهل پري کان هڪ نوجوان جوڙي کي ڪناري ڏانهن ايندو ڏٺم، نه ڄاڻي ڇو منهنجي دل اداس ٿي وئي هئي- مون ڏاڍيءَ رشڪ ڀريل نظرن سان انهي جوڙي ڏانهن نهاريو- منهنجي دل ۾ هڪ عجيب هلچل مچي وئي هئي.

هي مهراڻ جو ڪنارو- هيءَ شام، هيءُ سمو ۽ مان اڪيلو. ڪاش! ناز مون سان گڏ هجي ها- پر هوءَ ته برقعي کان سواءِ هڪ قدم به گهر کان ٻاهر نٿي ڪڍي سگهي- ۽ مون کي سائس جيتري محبت هئي انهيءَ کان وڌيڪ ڪٿي سندس پردي کان نفرت- عورت چاهي ڪيتري به سهڻي ڇو نه هجي، برقعي پائڻ کان پوءِ هوءَ مون کي ڪپڙن جي ڳوٿري ڏسڻ ۾ ايندي آهي- مان عورتن جي برقعي جي سخت خلاف آهيان. منهنجي دل چاهيندي آهي ته منهنجي زال مون سان گڏ آزادي سان گهمي ڦري- مون هن جي برقعي ڇڏائڻ لاءِ، گهڻائي جتن ڪيا- ڪيترو ڪيس سمجهايو، پر هن تي ڪنهن به ڳالهه جو اثر نٿو ٿئي- هن جي اڳيان پردي جي خلاف ڳالهائڻ، ردن اڳيان رباب وڄائڻ مثل آهي- هڪ ڏينهن ته مون ڪاوڙ ۾ اچي مٿن

”نازا! هيءُ آهي منهنجو گهرو دوست ۽ سنڌ جو مايہ ناز شاعر سسترعلي گوهر، ۽ هيءَ آهي توهان جي پاڇائي ناز.“

”.وه، توهان سان ملي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي گوهر صاحب.“ ناز، ڏاڍي گرم جوشي سان منهنجي شاعر دوست سان هٿ ملايو- وري مون ڏانهن نهاري چيائين ”توهان مون کي ڀرين چو نہ ٻڌايو تہ، گوهر صاحب توهان جو دوست آهي، نہ تہ هوند مون کي سائن ملاقات جو شرف ڀرين ئي حاصل ٿي چڪو هجي ها؟“

”سچ پچ توهان سان ملي مان فخر محسوس ڪري رهي آهيان.“ منهنجي زال جي واتان، پنهنجي ساراهہ ٻڌي، منهنجي شاعر دوست جو ڪنڌ فخر کان آڪڙجي ويو هو، ۽ مون کي پنهنجي زال تي حيرت لڳي رهي هئي- هن جو هٿ اڃان تائين شاعر جي هٿ ۾ هو- حالانڪ سان آزاد خيالاتن جو سائهو آهيان، پر تنهن هوندي بہ منهنجي حالت ئي عجيب ٿي رهي هئي.

منهنجي زال، جا ٻنهين ٿورڳالهائڪ ۽ سنجيده قسم جي هئي، وري ڇهڇها ڪرڻ لڳي:

”توهان جا گيت جنهن بہ رسالي ۾ ڏسندي آهيان- سان اهو ضرور خريد ڪندي آهيان. توهان جا اشعار پڙهي، دل چاهيندي آهي تہ، ڪاش سان بہ ڪا شاعره هجان ها- مهراڻ جي موجن تي ڪو مڌر گيت ڇيڙيان ها ۽ سدائين قدرت جي حسين مناظرن سان همڪلام رهان ها!“

منهنجو دوست جنهن جا هينئر ٻئي هٿ پينٽ جي کيسن ۾ هئا چوڻ لڳو:

”توهان جهڙي باذوق خاتون لاءِ شاعري ڪرڻ ڪا مشڪل ڳالهہ تہ نہ آهي. توهان کي رڳو فعولن فعولن فعولن جي جدول ياد ڪرڻي پوندي.

انهيءَ مهل مون کي پنهنجي دوست تي، ڏاڍي ڪاوڙ اچي رهي هئي. منهنجي زال کي ٿو شاعري ڪرڻ سيکاري- وڏو آيو آهي شاعر جو پٽ- فعولن فعولن جي جدول- عورتن سان ڳالهائڻ جي تميز بہ ڪانهيس- ڇا! هڪ دوست جي زال سان ائين اکيون اکين ۾ وجهي هٿ هٿ ۾ ملائي ڳالهائبو آهي- گڏهہ ڪٿي جو، شاعري ڪرڻ هليو آ پٽ- وري مون کي ڪاوڙ تہ پنهنجي زال تي اچي رهي هئي، جا خواهمخواه سندس مٿان ساراهہ جون پليون ٻڌي رهي هئي. هن جي شاعري هئي ڇا، ڪاغذن تي ٻوڙ هاريندو هو.

”ڊارلنگ! گوهر صاحب جي ڀرين ملاقات جي يادگار لاءِ سان سائن فوٽو ضرور ڇڪائيندس!“ ”ها ها!! چونہ“ منهنجو تہ اندر ئي سڙي ويو هو. پرنيٺ اخلاق بہ تہ ڪا شيءِ آهي. مان فوٽو ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي ويس. جڏهن تصوير ڇڪڻ لاءِ مون ڪيمرا جي اک سان ڏنو تہ، دل ۾ آيم تہ ڪيمرا ڪٿي درياءَ ۾ اڇلايان، منهنجو تہ دماغ چڪر کائي ويو! اف... منهنجي زال جي ويهڻ جي اسٽائل، تہ پاڪستاني ايڪٽريسن کي بہ مات ڪري ڇڏيو هو. ڪير چوندو تہ هيءَ ڪا آهائي ساڳي ناز هئي، جا برقعي کان سواءِ هڪ قدم بہ گهر کان ٻاهر نٿي ڪڍي سگهي! دل ۾ آيو تہ ست ڏئي، سندس هوا ۾ لهرائيندڙ آواره وار پٽي کيس گهريندو وڃان- پر اهو فقط مان سوچي سگهيس ٿي- مون کي تصوير ڪڍڻي ئي پئي.

هاڻي ڪنهن ٻه آزاد جوڙي کي ڏسي، منهنجي دل ۾ رشڪ نه پيدا ٿيندو آهي. هاڻ جڏهن ٻه ڪو نوجوان جوڙو منهنجي نظرن اڳيان گذرندو آهي ته مان دل ئي دل ۾ چوندو آهيان.

”اي منهنجي جيجل مهراڻ جا ٿيچ شريڪ پاڻ- تون زماني جي وهڪري تي چاهي، منهنجي پراڻي تهذيب ۾ ڪيتري ڦير گهير ڇو نه آڻين! چاهي تون منهنجي مارئيءَ پيڻ کان سندس لوئي ڇو نه ڇڏائي ڇڏين! پر ياد رک: منهنجي پراڻي تهذيب هردم تنهنجو گلو دٻائيندي رهندي، تون هرجاء هرهنڌ ڏڀڻ محسوس ڪندين!“



مڙس به ٺهڪ ۾ ٺهڪ ملائيندي چيو ”هاڻي ڏسو، ٻاڻ ته سڀالو وڻي وڃي گهر سکيا ٿيا ۽ اسين هتي غريب ڳنٺون سان هن طرح پيا جنڊ ڪيون، ۽ هوڏانهن اسان جو ڇوڪرو، جنهن جي صدقي ۾ ويچارو ڳابو ڪٺوسون، سو به ڳابي کي ياد ڪري پيو روئي رڙي. ڀلا، سندس هٿن جو ليپاچ هو نه!“

مائيءَ نهايت سنجيدگيءَ سان ڳنٺون کي ڳراٽڙي پائي قاسم کي چيو ”ادا! تنهنجي مهرباني جو اسان جون اکيون کوليئه، هاڻي اسان جي گهر ۾ ڪڏهين به نڪي ڳڪدام ڳابڙا ڪسندا، نڪي مظلوم ماٺرون لڙڪ لوڙهينديون.“



پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ هڪ شام جو ونس ڪچهري لاءِ ويس. اڱڻ لتاڙي جڏهن ڪوٺيءَ جي ڀيڪڙيل دروازي وٽ پهتس ته، اندران سندس آواز ٻڌم. هو ڪنهن کي چئي رهيو هو:

”ڏس يَرَ، هن پڪيٽ ۾ توکي هتان جي انهن سڀني سهڻين ڇوڪرين جا فوٽا ليندا جن جو هن وقت تائين مونسان لاڳاپو رهيو آهي. ڳهٽو ڪري سڀئي وڏگهرائيون آهن. زندگي ۾ ڀهريون ڀيرو توکي ڀيو ڏيکاريان. ڪڻ قرآن جو قسم ته ڪنهن کي ڪونه ٻڌائيندين؟“

جيستائين ٻڌندڙ قسم کڻي، مان درڪي ڏڪو ڏئي اندر ٽيس. ڏٺم ته سندس هٿ ۾ اهي ئي ٽي فوٽا هئا. مون کي ڏسي سندس منهن جو ڀنو ائين لهي ويو، جڻ ٻند چالون ڪيڏندي ڪنهن سندس ”ڪول“ ڪرائي هجي ۽ هو رڳو ”يٽ“ نڪتو هجي.



رحيمان ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي.
مرزا صاحب ٿورو ڪنگهي پاسو ورائي وري سمهي پيو ۽ سامهون ديوار تي لڳل هڪ خوشنما فريم ۾ رشيءَ جي تصوير کي هو ڏسڻ لڳو.
"رشي! توسان ڪيڏو نه منهنجو پيار آهي. دنيا جي هرچيز کان زياده.. والدين ۽ عزيزن جو ناراضپو خريد ڪري مون توسان شادي رچائي. ۽ تنهنجي ٿي ڪري مون انهيءَ سموريءَ جائداد تان هٿ کنيو جا منهنجي امانت هئي. شادي کان اڳ ۾ تون چوندي هئينءَ ته "پيارا! تون مون کي وساريندين ته ڪونه؟" مان چوندو هوس "دل جي راڻي! تون اهي ڪهڙي قسم جون ڳالهيون پيئي ڪرين. مان توکي ڇالاءِ وساريندس؟ تون ته منهنجي روح جي خوراڪ آهين." پوءِ تون پنهنجون نرم و نازڪ ٻانهون منهنجي گلي ۾ وجهي مون کي ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ وٺي هلندي هئينءَ، جتي صبر و سڪون ۽ عيش و نشاط کان سواءِ ڪجهه نه هو. مگر اڄ! ... آها ... تون منهنجي پاڇي ڏسڻ لاءِ به تيار نه آهين. مون کي اهو به پتو ڪونهي ته تون گهر ۾ موجود آهين يا نه. تنهنجي ڪوئل جهڙي مٺي ۽ مڌر آواز ٻڌڻ لاءِ مان پريشان آهيان. مگر توکي اهو منظور نه آهي. زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مون کي ڦٿڪندو ڏسي توکي ڪو ترس ڪونه ٿو اچي... آخر مهنجي ڪهڙو قصور آهي رشي!..."
خبر ناهي ڪيستائين تصوير سان ڳالهائيندو ۽ ان کي چميون ڏيندو رهيو. پوري نائين بجي "رحيمان" چاءِ جي ٽري کڻي ڪمري ۾ آئي، جنهن جي آهٽ کان مرزا موصوف جي دَبَرَ جو سلسلو روڪجي پيو.
"بيگم صاحبه اڃا واپس ڪونه آئي آهي؟"
"حضور! بيگم صاحبه پنهنجي ڪمري ۾ هار سينگار ڪري رهي آهي. اوهان جو پيغام مون ڪيس پهچايو آهي..."
"ٽري ٽيبل تي رک ۽ وڃي سڏ ڪري اچينس"
"حاضر صاحب."
"رحيمان" غمگين نگاهن سان رشيد بيگم ڏي ڏٺو. مگر سندس نگاهون ڪنهن غيبيءَ طاقت جي اثر کان هيٺ جهڪي ويئون.
"بيگم صاحبه! صاحب اوهان کي ياد فرمائي رهيو آهي. ههڙي وقت اوهان جو هن کان ڪنارو ڪرڻ مناسب هرگز نه آهي..."
"خاموش! بدتميز! تون مون کي مشوره ڏيڻ واري ڪير آهين؟ مان خود سڀڪجهه سمجهان ٿي..."
رحيمان ڏکي ويئي، ۽ ٻه گرم گرم آنسو سندس ڪمزور اکين مان ڳڙي ڌرتيءَ ۾ دٻجي ويا. "مون کي مات جي خواهش نه آهي. مان زنده رهڻ چاهيان ٿي. منهنجي زندگي ايتري سستي نه آهي جو دق جا زهريلا جراثيم — هٿن سان پنهنجي جسم ۾ داخل ڪريان؛

"اڄ هو بدبخت مري ويو نه" رشيد بيگم موٽر جي ڪڙڪي کولي اندر ويهڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"ڪير مري ويو... تنهنجو شوهر يا پاڻ؟"

رشيد بيگم جو رنگ يڪايڪ بدلجڻ لڳو. ڪيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو.

"در... ا... اصل... م... منهنجو... مطلب..."

"خاموش!... ڳالهه ڪجهه بي آهي. مان خود لاش کي ڏسڻ وڃان ٿو، ڏسان ته مري ويل تنهنجو شوهر آهي يا پاڻ...!"

نوجوان ٻاهريون دروازو کولي اندر ڪمري ۾ وڃڻ لڳو، رشيد بيگم ڊوڙي وڃي هن جو هٿ پڪڙيو. نوجوان هٿ ڇڏائي اندر هليو ويو. دروازي جي ڀرسان رحيمان روئي رهي هئي.

"ڪُراڙي! مرڻ وارو ڪير هو؟"

رحيمان ڇرڪ ڀري نوجوان طرف ڏنو ۽ اکين جا ڳوڙها اگهيا.

"هن گهر جو مالڪ" رحيمان جواب ڏنو.

"رشيد بيگم سان هن جو ڪهڙو ناتو هو؟"

"بيگم صاحبه جو هُو شوهر هو، صاحب!" رحيمان سڏڪا ڀريندي چيو.

"سمجهي ويس" چئي نوجوان واپس موٽي آيو.

"خدا جي واسطي مون کي معاف ڪر نذيرا! مون کان ڀُل ٿي آهي."

"هٽي وڃ منهنجي نگاهن کان!... تنهنجو ناپاڪ چهرو ڏسڻ نٿو چاهيان، ڪوڙ ڳالهائي تو مون کي ذليل ڪيو... ڪميني..."

نوجوان موٽر ۾ چڙهي ڪيڏانهن هليو ويو. رشيد بيگم موٽر جي پٺيان نڪرندڙ دونهي کي ڏسندي رهي......



امر جليل

# "انڪار بہ آ - اقرار بہ آ"

سڄي ڪاليج تي اداسي ڇانيل هئي. هر طرف دل کي دردجو احساس ڏياريندڙ خاموشي هئي. ان خاموشيءَ ۾ شاگرد ڪنڌ جهڪائي مايوسيءَ سان هلي رهيا هئا- اڪثر پروفيسرن پنهنجا ڪلاس بہ نہ ورتا ۽ هينئر ڪجهہ شاگرد ڪامن روم ۾ ويٺا هئا— ڪجهہ ڪينٽين ۾ ۽ باقي ڪاريڊار ۽ ورانڊن ۾ بيچينيءَ سان اچ وڃ ڪري رهيا هئا.

ڇوڪرن جي ڪامن روم ۾ وحشتناڪ ويراني هئي. ڪاليج جا شرير ۽ حرفتي شاگرد خالي ڪرسين تي پير ڊگها ڪري ويٺا هئا. ٻه-چار شاگرد ٽيبل ٽينس جي ٽيبل تي ليٽيل هئا. درن درين جا پردا هيٺ مٽي تي ليل ۽ ڪتاب فرش تي ۽ ٽيبل تي اڇلايل هئا. سڀني جي نگاهن ۾ بيچيني ۽ اضطراب هو- سڀني کي انتظار هو- ۽ انتظار طويل ۽ تلخ ٿيندو ٿي ويو. ساڳي حالت ڇوڪرين جي ڪامن روم جي هئي. شوخ ۽ چنچل ڇوڪريون خاموش هيون. ڪجل ڀريون اکيون اداس هيون- ۽ ڀڙڪيلن ڪپڙن ۽ رنگين پلاندن ۾ پڻ هڪ دردناڪ جهلڪ موجود هئي.

اڄ مغرور شيلا جي اکين ۾ پڻ لڙڪ تري رهيا هئا.

هٺ ۽ وڏائيءَ جو احساس بہ سندس دل مان نڪري چڪو هو.

۽ هينئر-

ان احساس جي ياد ۾ هوءَ جلي رهي هئي- اهائي تہ ايرڪا هئي- اهائي تہ محبت هئي- اهائي تہ پريم جي نشاني هئي، جو ڪوشش جي باوجود سندس پنبڻيون آليون ٿي پيون!

اکين اکين ۾ دل ڏکائيندڙ روش تي پڇتاءُ هو.

شيلا جي پاسي ۾ سبيتا ويٺي هئي. سبيتا جي چهري تي ڪوبہ ظاهري اضطراب نہ هو- هوءَ پٿر مثل خاموش هئي- ۽ سندس نگاهون شيلا جي بيڪلي ۽ بيچيني ڏسي رهيون هيون.

ٻيون ڇوڪريون آهستي آهستي سرگوشيون ڪري رهيون هيون— ڪجهہ ڪامن روم جي در وٽ منتظر هيون.

ڪين انتظار هو هڪ خبر جو-

اهڙي خبر جو، جنهن کي ٻڌڻ لاءِ سڀ بيچين هيون.

پر مجڻ لاءِ ڪاٻہ نہ!

انتظاريءَ ۽ بيقراريءَ کان مجبور ٿي ۽ ڪک ٿي گهڻا شاگرد، پرنسپال جي آفيس ٻاهران جمع ٿي رهيا هئا. هڪ اندوهناڪ خبر ٻڌڻ لاءِ هو پنهنجن حواسن کي تيار ڪري رهيا هئا. گهٽيل لهجي ۾ گفتگو هلي رهي هئي.

"خبر غلط بہ تہ ٿي سگهي ٿي."

"ڪهڙي خبر".

"شايد ڪنهن شرارت (Activity) ڪئي هجي."

"ممڪن آهي-"

"بس هينئر سڀ معلوم ٿي ويندو."

"پوسٽ‌مين تمام دير لاتي آهي."

"ايندو ئي هوندو— ڪجهہ شاگرد پوسٽ ۽ ٽيليگراف آفيس ويا آهن."

۽ گرلس ڪامن روم ۾—

"سبيتا آهستي چيو -" شايد ڪنهن چرچو ڪيو هجي."

"ائين ئي هجي سبيتا! ائين ئي هجي." شيلا ٻيچين ٿي چيو.

حسن کي عشق ٻاهہ لڳائي ڇڏي.

"توکي تہ ڪانئس نفرت آهي." سبيتا طنز ڀريل لهجي ۾ چيو.

"هئي سبيتا، هئي." حسن برهم ٿي ويو.

"۽ هينئر."

"هينئر ارمان جا آنسو پيار جو نذرانو آهن." شيلا لڙڪ لڪائڻ لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ پنبڻين ۾ اٽڪيل لڙڪ سندس ڳلن تي وهي آيا.

عشق ديوتا ۽ حسن پوڄاري ٿي پيو.

پر ديوتا وڃي چڪو هو. حسن کان منهن موڙي— پيار جا پيمانا درد دل کي ڏيئي. ۽ هينئر پوڄا بيڪار هئي.

چو جو جنهن پرڪاش کان شيلا نفرت ڪندي هئي، سو ان وقت ٻائين چتا ۾ جلي چڪو هوندو ۽ اڄ جڏهن پرڪاش جي موت شيلا جي نفرت کي الفت ۾ بدلي ڇڏيو تہ هن محسوس ڪيو تہ سڄي عمر پرڪاش جي ياد جي چتا سندس سيني ۾ دکندي رهندي.

ٻن ڏينهن کان پرڪاش جي موت جي خبر ڪاليج ۾ پهتل هئي. پرنسپال هڪدم سندس مائٽن کي تار ڪئي ۽ اڄ ان تار جو جواب اچڻو هو، پڪ ٿيڻي هئي تہ پرڪاش جو موت ڪيئن ٿيو. پڪ نہ پوڻ ڪري پرنسپال شاگردن جي پر زور مطالبي تي بہ ڪاليج بند نہ ڪيو. ڪيس تار جي جواب جو انتظار هو.

پر پرڪاش جي موت جي خبر سڄي ڪاليج ۾ ٻاهہ وانگر ڦهلجي وئي. سڀ شاگرد ۽ پروفيسر دم‌بخود رهجي ويا ۽ ڌرڪندڙ دليون هڪ لمحي لاءِ بيهي رهيون ۽ ساهہ منجهڻ

لڳا! پرڪاش ڪلمک ۽ ڪاليج جو هردلعزيز رانديگر هو. ڪاليج جي فتحن ۾ هن جو هميشه وڏو حصو رهيو هو... پر اڄ ڪاليج جي وڏي غم ۾ سڄو حصو پرڪاش جو هو!

۽ شيلا!

شيلا مغرور هئي!

کيس پنهنجي حسن ۽ امارت تي ناز هو. ڪاري ڪيڏاڪ سان لهندي، هوءَ لاپرواهيءَ سان وراڻڊن ۽ ڪاريڊارن ۾ گهمندڙ شاگردن تي هڪ نظر وجهي ڪلاس ۾ هلي ويندي هئي. سڀ کيس ڪيڙا ماڪوڙا نظر ايندا هئا. ۽ جڏهن به ڪنهن شرير شاگرد کيس ستائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هوءَ يا ته پرنسپال کي رپورٽ ڪري ان شاگرد تي پنج ڏهه رپيا ڏنڊ وجهرائيندي هئي يا پاڻ ئي کيس اهڙين حقارت آميز نظرن سان ڏسندي هئي جو ان شرير شاگرد جي دل ڪنبي ويندي هئي ۽ هو وري ڪڏهن به کيس چيڙائڻ جي ڪوشش نه ڪندو هو.

۽ پرڪاش!

پرڪاش شڪست مڃڻ وارو نه هو!

پرڪاش کي پنهنجن حرڪتن ۽ شرارتن ۾ پنهنجي مجبور ساٿين جو بدلو نظر اچڻ لڳو. ۽ هن شيلا کي خوب پريشان ڪرڻ شروع ڪيو. ڪلاس ۾ جڏهن به هوءَ پروفيسر کان ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي يا پروفيسر کانئس سوال ڪندو هو ته هو کلي پوندو هو. ان کل کان، شيلا کي نفرت هئي ۽ هوءَ منجهي پوندي هئي؛ سندس منجهڻ ڏسي سڄو ڪلاس ٽهڪن ۾ پٽجي ويندو هو؛ ۽ ٽهڪن جو طوفان فقط ان وقت ختم ٿيندو هو جڏهن پروفيسر پنهنجو هٿ مٿي ڪري شاگردن کي خاموشيءَ لاءِ چوندو هو. پرڪاش، شيلا جي ڪپڙن تي کلندو هو، شيلا جي هلڻ تي کلندو هو ۽ خوامخواهه کلندو هو. ۽ هوءَ جلي ويندي هئي.

۽ پوءِ!

پوءِ ڪاليج جي شاگردن پرڪاش جي شرارتن ۾ محبت جي لاٽ ڏسي ورتي. ۽ هينئر هروقت هن جي دماغ تي شيلا سان ڳالهائڻ جو ڀوت سوار رهندو هو. هروقت شيلا سان ڳالهائڻ جا موضوع تلاش ڪندو هو. پر شيلا هميشه بيمروت رهي. هميشه هن پرڪاش کي ٺڪرايو ۽ ڌڪاريو. پوئين ڏينهن پڻ!

پوئين ڏينهن پرڪاش شيلا کي لائبريريءَ جي ٻاهران روڪيو هو.

"شيلا!" ان ڏينهن پرڪاش بيحد سنجيده هو.

۽ شيلا بيدليءَ سان بيهي رهي.

"اڄ سان پنهنجي گهر وڃي رهيو آهيان."

شيلا خاموش رهي.

"منهنجي ماءُ بيمار آهي شيلا!"

"توکي ڳالهائڻ لاءِ بهانا گهرجن!" شيلا سخت ناگوار لهجي ۾ چيو.

”ها شيلا!“ پرڪاش اطمينان سان جواب ڏنو. ”مان هر وقت تو سان ڳالهائڻ جا موقعا تلاش ڪندو آهيان.“

”آخر ڇو“ شيلا خشڪ آواز ۾ چيو. ”ڪاليج ۾ ٻيون ڇوڪريون به ته آهن.“

”پر شيلا فقط هڪ آهي.“ پرڪاش آهستي چئي ويو.

”تنهنجو مطلب ڇاهي پرڪاش!“ شيلا هڪ طرف هلندي چيو. ”تون چاهين ٿو ته مان تنهنجن بيهودين حرڪتن جي پرنسال وٽ رپورٽ ڪيان؟“

”ها شيلا! اهو تنهنجو مون تي پهريون ۽ آخري احسان هوندو.“ پرڪاش جي لهجي ۾ اعتماد هو.

”ته مان تنهنجي حسرت پوري ڪندس.“ شيلا چيو ۽ پوءِ پنهنجي گلابي ساڙهيءَ جو پاڙ سنڀاليندي، جهڪ ڪائيندي هلي وئي.

”سنگدل“ پرڪاش ڇپن ۾ چيو.

شيلا سڄي ڪاليج ۾ سنگدل مشهور هئي.

۽ پرڪاش شيلا جي سنگدليءَ کي دل ڏيئي ويٺو.

هڪ ڏينهن، ساليانې راندين ۾ پرڪاش پريان شيلا کي ايندو ڏٺو. ان وقت پندرهن سو ميٽرن جي ڊوڙ لاءِ پهريون آواز آيو. پرڪاش ٽريڪ تي نالو ڏيئي-شيلا کي ڇوڪرين جي تنبوءَ وٽ پهتو.

”شيلا!“.

”ڇو“. بيرخيءَ جواب ڏنو.

”آخري ڊوڙ ٿي رهي آهي.“

”مان ڇا ڪيان؟“

”دعائون“.

”هارائيندين.“

”مان دل جي بازي هارائي ويٺو آهيان.“ ۽ هو موٽي ٽريڪ تي آيو. پرڪاش پندرهن سو ميٽرن جي ڊوڙ سان ساليانې چمپئن شپ کٽي ورتي. هن ٽرافي ۽ ڪپ ڊائس تي رکيا ۽ شيلا ڏانهن ڊوڙندو آيو. هوءَ پنهنجي ڪاري ڪيڊلڪ ڏانهن وڃي رهي هئي.

”شيلا!“.

هوءَ بيهي رهي.

”مبارڪ نه ڏيندينءَ شيلا!“ التجا-

”تون مبارڪ جو مستحق ناهين.“ بيرخي-

”تنهنجي بيرخي منهنجي لاءِ مبارڪ آهي.“

”مان بڪواس ٻڌڻ جي موڊ ۾ نه آهيان.“ شيلا بيزاريءَ سان چيو.

# ٣

١. برج پاشا جو گرامر (ترجمو) — سيد مسعود حسن رضوي
سنڌيڪار: محمد سومار شيخ
٢. حقائق الاشياء — ڪريم بخش چنا
٣. سنڌ ۾ ان جي ادبي قدامت — منگهارام ملڪاڻي
٤. تنقيد جي اوسر — عبادت بريلوي
سنڌيڪار: عبدالقيوم 'صائب'
٥. سميري ۽ بابلي تهذيب — عبدالوحيد صديقي
٦. "طالب المولىٰ" جو ڪلام — راز باڙائي
٧. آسمان — جهامنداس ڀاٽيا
٨. شاهہ جا ڳند را — رحيمداد خان مولائي شيدائي

---

”جيئن سج نُور ۽ زندگيءَ جو سرچشمو آهي، تيئن علم ڪمال ۽ جلال جي کاڻ آهي، جنهن سان دل ۾ گرمي، تصورات ۾ عظمت، اکين ۾ روشني، ۽ ارادن ۾ بلندي ٿي پيدا ٿئي. علم جابر ۽ ظالم جو پردو چاڪ ڪري ٿو، ۽ انسانذات کي آزاد ۽ خوددار ٿو بنائي. اِن صورت ۾، ظاهر آهي ته جابر نظام ائين ڪڏهن به نه چاهيندو ته سندس غلاميءَ جي زنجيرن کان انسانذات آزاد رهي. تنهنڪري، لازمي طور، يا ته هو عام ماڻهن کي علم کان محروم رکڻ جي ڪوشش ڪندو، يا ته علم تائين پهچڻ جون سڀ واٽون عام ۽ وچولي درجي وارن ماڻهن لاءِ بند ڪري ڇڏيندو، ۽ فقط انهن ڳالهين جي سکڻ لاءِ سهولتون مهيا ڪندو، جن جي اثر سبب هو صحيح معنيٰ ۾ سندس غلام بنجي سگهن.“— ڪائونٽ

فرزندن لاءِ تيار ڪيو ويو هو.

هن ڪتاب جي لکندڙ جو نالو ڪٿي اعظم خان، ڪٿي معزالدين جاندار ڄاڻايل آهي. لکندڙ جي پيءُ جو نالو بہ ڪٿي فخرالدين محمد تہ ڪٿي ميرزا محمد تہ ڪٿي مرزو سرزان خان لکيو آهي. حالانڪ "تحفة الهند" جي مصنف جو نالو ميرزان خان هو.

"تحفة الهند" ۾ هڪ مقدمون ۽ ست باب آهن: سڄي ڪتاب جو وچور هي آهي:

**مقدمو:** هن ۾ ناگري رسم الخط ۽ ڀاکا جا سڀ قاعدا آيل آهن.

**پهريون باب:** پنگل جي بيان ۾ لکيل آهي، جنهن کي اسان علم عروض چوندا آهيون.

**ٻيون باب:** تُڪ جي باري ۾ آهي. جنهن جي معنيٰ علم قافہ آهي.

**ٽيون باب:** النڪار جي باري ۾ آهي. جنهن ۾ هند جو علم بيان ۽ بديع اچي ٿا وڃن

**چوٿون باب:** سنگارس تي لکيل آهي. جنهن ۾ علم عشاقي ۽ معشوقي اچي وڃي ٿو.

**پنجون باب:** سنگيت جي باري ۾ آهي.

**ڇهون باب:** ڪوڪ جي نالي سان آهي. هن باب ۾ عورتن سان پيار ڪرڻ جو بيان ڄاڻايل آهي.

**ستون باب:** سامدرڪ جي باري ۾ آهي. جنهن کي علم قيافہ چيو ويندو آهي.

**خاتمون:** هن ڪتاب جو خاتمون، اهل هند جي لغات، ڪنايہ ۽ اصطلاح جي ذڪر ڪان پوءِ ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جا ٻہ حصا آهن، پهرئين حصي ۾، ناگري لفظ ۽ رسم الخط جو نمونو آهي ۽ ٻي حصي ۾ ڀاکا جو "قواعد ڪليہ" آهن. لکندڙ، ان کي مخترع چئي ٿو. مطلب اٿس تہ، ڀاکا جا اهي ڪُلئي قاعدا اول اول مون ئي جوڙيا آهن. هي ڪتاب ايترو جامع نہ آهي، پر تاريخي حيثيت ضرور رکي ٿو. هن ڪتاب مان "کڙي ٻوليءَ" ۽ "برج ڀاشا" جا تعلقات ڏسي سگهجن ٿا.

هتي اسان مقدمي جو ٻيو حصو پيش ڪريون ٿا: اهو، مصنف ايئن لکيو آهي، جيئن ان وقت ڳالهايو ويندو هو:

سَهَنَسڪرت: هن ٻوليءَ ۾، علم ۽ فن جا ڪتاب لکيا وڃن ٿا. هيءَ عالمن جي زبان آهي. هن کي "آڪاس باني" ۽ "ديو باني" چوندا آهن. هيءَ آسمان وارن ۽ ديوتائن جي ٻولي آهي.

پراڪرت: هن زبان ۾ بادشاهن ۽ وڏن ماڻهن جي ساراهہ ٿئي ٿي. هن جا عالم هيٺ آهن(۱)، تنهنڪري انهيءَ کي "پاتال باني" ۽ "ناگ باني" چوندا آهن. هيءَ زبان، سهنسڪرت ۽ ڀاکا جي مرڪب آهي.

---

(۱) هيٺ جا عالم: لکندڙ جو مطلب ڏکڻ طرف جا عالم آهن. چوتہ، ڏکڻ طرف ئي سمنڊ هو، جنهنڪري پراڪرت کي "پاتال باني" (پاتال ٻاڻي) ڪريو چوندا هئا. (م. س. شيخ)

فعل متعدي بہ ائين ئي ڇئن صيغن ۾ اچي ٿو. فعل متعدي جو فعل پنهنجي فاعل تي پورو نہ ايندو آهي- پر اڳتي وڌي مفعول تي ايندو آهي. فعل متعديءَ جا ڦيرا مفعول جي اعتبار کان مختلف ٿين ٿا. جيڪڏهن مفعول مونث ٿئي ٿو، فعل مونث آئي ٿو. مثلاً: جيڪڏهن مفعول واحد مذکر آهي تہ "ماريو" پر جيڪڏهن مونث آهي تہ چولدا "ماري" ۽ انهيءَ قياس تي ٻيا صيغا سمجهڻ گهرجن.

## برتما جو بيان

برتما، ''فعل حال" کي چوندا آهن. فعل حال ڇئن ڦيرن ۾ اچي ٿو.

(١) ڪرت هي: هي ڦيرو، واحد مذکر غائب، واحد مونث غائب، واحد مذکر حاضر ۽ واحد مونث حاضر ۾ گڏيل آهي.

(٢) ڪرت هين: هي صيغو، جمع مذکر غائب، جمع مونث غائب، جمع مذکر متکلم ۽ جمع مونث متکلم ۾ مشترڪ آهي.

(٣) ڪرت هو: هي ڦيرو، جمع مذکر حاضر، ۽ جمع مونث حاضر ۾ مشترڪ آهي.

(٤) ڪرت هون: هي صيغو، واحد متکلم جو ڦيرو آهي.

انهن ڇئن صيغن ۾ لفظ ڪرت جي "ت" کي جيڪڏهن مضموم پڙهبو تہ، مٿي ڏنل صيغا مذکر ٿيندا، پر جيڪڏهن مڪسور پڙهبو تہ مونث جا صيغا ليکبا.

## ڀوک جو بيان

ڀَوِک (فعل مستقبل) ايندڙ زماني ۾ ڪم ايندو آهي. هن جا ڪل اٺ صيغا آهن:

(١) ڪَرِي گو: هي ڦيرو، واحد مذکر غائب، ۽ واحد مذکر حاضر ۾ اچي ٿو.

(٢) ڪرينُگي: هي صيغو، جمع غائب ۽ جمع مذکر متکلم ۾ ڪم اچي ٿو.

(٣) ڪروگي: هي، جمع مذکر حاضر جو صيغو آهي.

(٤) ڪرئونگو: هي، واحد مذکر جو صيغو آهي.

(٥) ڪرونگيی: هي، واحد مونث متکلم جو ڦيرو آهي.

(٦) ڪَرِيگيی: هي، واحد مونث غائب ۽ واحد مونث حاضر ۾ گڏيل آهي.

(٧) ڪرينُگيي: هي، جمع مونث غائب ۽ جمع مولث متکلم ۾ مشترڪ آهي.

(٨) ڪَروگيي: هي، جمع مونث حاضر جو صيغو آهي.

## ڪريا جو بيان

"ڪريا" جا چار قسم آهن:

(١) سُرياءُ: هي، اثباتي فعل ماضي آهي، مثال "آيو."

(٢) اسرياءُ: هي، نفي فعل ماضي آهي. مثلاً "نايو"(١)

---

(١) اهو قاعدو، سنڌي گرامر سان بہ لاڳو آهي. فعل ماضي لاءِ "نايو" يا "نہ آيو" ڪم آڻبو آهي. ۽ اثباتي فعل ماضيءَ لاءِ "آيو" ڪم آڻبو آهي. (محمد سومار شيخ)

## ٻہ ٻچن جو بيان

”ٻہُ ٻَچنَ“ جمع کي چوندا آهن. واحد (اڪيلي) کان وڌيڪ کي جمع (گهڻو) چئبو آهي. جمع بنائڻ لاءِ، لفظ جي آخر ۾ حرف ”ن“ لڳائيندا آهن. ”ڪُلِتا“ (بدڪار عورت) مان ”ڪلتان“ ۽ ”نون“ کان پهريون حرف اگر ساڪن ٿئي ٿو تہ، ان تي زبر لڳائيندا آهن. جيئن تہ ”ڪَر“ (هٿ) مان ”ڪَرَن“. ۽ ”پڳ“ مان ”پڳن“ ۽ جنهن لفظ ۾ ”و“ يا ”ي“ ساڪن ٿئي ٿي تہ ان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيندا آهن. ڪڏهن ان تي زبر جي حرڪت لڳائيندا آهن. مثلاً، ”سکي“ مان ”سُکيِنَ“ ۽ ”پتؤ“ مان ”پتَوَن“ وغيره. ڪڏهن ”الف“ ”نون“ مان جمع بنائين ٿا، جيئن تہ ”سکي“ مان ”سکيان“(١)

## اسم اشاره جو بيان

هي، اهو اسم آهي جنهن لاءِ، اشارو ڪري، ڳالهہ ادا ڪبي آهي. هن جا ست قسم آهن.

(١) ”وا“ هي، واحد غائب جي اشاري لاءِ آهي. جيئن تہ ”وه“

(٢) ”تا“ هي، واحد غائب جي اشاري لاءِ آهي.

(٣) ”يا“ هي، واحد حاضر جي اشاري لاءِ آهي، جيئن تہ ”يه“.

(٤) ”جا“ هي، واحد غائب جي اشاري لاءِ آهي. جيئن تہ ”جو“

(٥) ”ان“، جمع غائب جي لاءِ آهي.

هي مونث ۽ مذڪر ۾ گڏيل اشارا آهن.

## پدبرت جو بيان

”پَدبرت“، ڪلمہ کي چوندا آهن. آهو جملو، جو ٻن اکرن ۾ پورو ٿئي. مثلاً، ”رام آيو“، آهو ”پد برت“ آهي.

## سمبنڌ جو بيان

سمبند، ترڪيب اضافي کي چوندا آهن ۽ ترڪيب اضافي، آها ترڪيب آهي، جنهن ۾ ڪلمي جي اول حصي کي، ٻئي سان نسبت ملي. اصطلاح ۾، عربن ڪلمون پهريون ”مضاف“ سڏيو آهي ۽ ٻئي کي ”مضاف اليہ“ چيو آهي. اهل هند جي ”ترڪيب اضافي“ تن ڪلمن تي آهي.

---

(١) هي جمع جو قاعدو اسان جي سنڌيءَ ۾ هوبهو آهي. جيئن هتي لفظ ”پڳ“ جنهن کي اسان ”پڳ“ يا پير چوندا آهيون، تنهن جو جمع پڻ ”پڳن“ ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح ”لڪ“ جو جمع ”لڪن“ ”ڪروڙ“ جو جمع ”ڪروڙن“ ڪندا آهيون. ”و“ ۽ ”ي“ کي هو ساڪن ڇڏي ڏيندا هئا. اسان پڻ ائين ٿا ڪريون: ”سکي“ (جيڏل) جو جمع ”سکين“ ئي ڪندا آهيون. دکي (ڏکي يا ڏکيو) جو جمع ”دکين“ ڪندا آهيون. پکي جو جمع پکيءَ يا پکين ڪندا آهيون. ”الف“ ۽ ”ن“ سان جمع بنائڻ جا قاعدا سرائڪيءَ سان وابستہ آهن. اتر جي سنڌيءَ ۾ پڻ ”الف“ ۽ ”ن“ جي شموليت آهي. ”ڪٽ“ کي ”ڪٽان“ ۽ ”سکي“ کي ”سکيان“ ڪري چئبو آهي. هيءُ سنڌيءَ ۽ برج ڀاشا جو ترامر جو گڏجي پيو، سو ڀاڻ سان ڪا لڪيل تاريخي حقيقت رکي ٿو، جا ڳولڻ گهرجي. (م. س. شيخ)

(٨) "ن" مڪسور: اسم جي اڳ ۾ اچي، نفيءَ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. نيلج (نه لج وارو) چو ته لج يا لاج شرم ۽ حيا جي معنيٰ رکي ٿي(١).

## مختلف معنيٰ وارا اڳيان ايندڙ اکر

(١) "الف": هي اکر، آخر ۾ اچي مختلف معنيٰ ڏي ٿو. مثلاً "ڪبتا" يعني "شاعر" ۽ موصوف به صفت شاعري، چو ته ڪبِت جي معنيٰ آهي شعر. "ديوا" يعني ڏيڻ وارو ۽ موصوف آهي "ڏيندڙ". اهو "الف" تانيث لاءِ به ڪم اچي ٿو. مثلاً "ٻڏا" (پوڙهي عورت) چو ته "ٻرڌهه" پوڙهي مرد کي چوندا آهن. جيئن مٿي لکيو ويو آهي. ۽ ڪڏهن تانيث لاءِ وصفيت ۽ فاعليت جي معنيٰ به ڏيندو آهي. جيئن ته "گرٻا" (غرور) ۽ ڪڏهن 'الف' تذڪير ۽ نري فائدو ڏيندو آهي، مثلاً "مرگا" (نر هرڻ) اسم عَلَمَ ۾ "الف" ڪي فائدو ڏي ٿو، ۽ ڪڏهن ندا لاءِ به ڪم اچي ٿو. جيئن ته "راما" (اي رام). هي قاعدو عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪم ايندو آهي(٢).

(٢) پ: اسم جي آخر ۾ اچي، صاحبي ۽ خداونديءَ جي معنيٰ ڏي ٿو. مثلاً "ڀوپ" [ڀؤ=زمين+اپ=وارو] زمين وارو يا زميندار.

(٣) ت: اسم جي آخر ۾ اچي، مصدر جو ڪم ڏي ٿو. مثلاً، گنت (ڳڻڻ).

(٤) ت: اسم جي آخر ۾، فاعليت جي معنيٰ ڏيندو آهي. مثلاً، "ڪيوَت" (داؤ ڪيلڻ وارو) آخر "ت" ۾ "و" معروف به لڳائبو آهي، جيئن ته "ڪيوَتو".

(٥) ج: اسم جي آخر ۾ اچي، پيدا ٿيڻ جي معنيٰ ڏيندو آهي. جيئن ته "ٻار" (پاڻي) مان "ٻارج" (ڪنوَل گل).

(٦) 'د' مڪسور: اسم جي آخر ۾ اچي، مڪان جي معنيٰ ڪيلدي آهي. مثلاً "ٻارَدِ" يعني "بادل" چو ته "ٻار" جي معنيٰ پاڻي ڪئي ويندي آهي.

(٧) ڌ: به انهيءَ فائدي جي معنيٰ ڏي ٿي. مثلاً، انبڌِ، بمعنيٰ سمنڊ، چو ته "انب" جي معنيٰ پاڻي ڪئي ويئي آهي. هي ڪليه قاعدو آهي ته پاڻيءَ جي معنيٰ ڏيندڙ لفظ جي آخر ۾ "د" بادل جي ۽ "ڌ" سمنڊ جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو.

(٨) "ڪ": اسم جي آخر ۾ فاعليت جي معنيٰ ڏيندڙ آهي. مثلا "شيوڪ" (خادم) چو ته، "سيوا يا شيوا" جي معنيٰ "خدمت" ڪئي ويندي آهي هي "ڪ" ڪڏهن اکرن کي مصدر به بنائي ٿو جيئن ته، "بيڌڪ" (ويدڪ) طبابت.

(٩) گ: اسم جي آخر ۾ اچي، راهه، روِش ۽ رفتار جي معنيٰ ڏيندو آهي. مثلاً "اُرگ" (سيني سان هلڻ وارو). اُر (اُرهه) جي معنيٰ سينو آهي. (اُرگ کان مراد نانگ آهي.)

---

(١) "ن" مڪسور، نفيءَ جي معنيٰ اسان وٽ به آهي. خود هن مثال ۾ "لج" لفظ به سنڌي آهي. جنهن کي اسان "لڄ" چوندا آهيون. اسان "نرلڄو" يا "نلڄو" پڻ چوندا آهيون. (م. س. شيخ)

(٢) هي قاعدو سنڌيءَ جي حرف ندا ۾ به ڪم ايندو آهي. (م. س. شيخ)

ڪريم بخش ڇنه

# حقائق اشياء

آسمان ۾ بيشمار تارن جو ٽمڪڻ، سج ۽ چنڊ، زحل ۽ زهره، مشتري ۽ مريخ ۽ ٻين هزارن سيارن جو ايرڻ ۽ لهڻ. هوائن ۾ بادلن جو ڏڪڻ ۽ ڏوڙڻ، گجڻ ۽ گوڙ ڪرڻ، وڄن جا چمڪاٽ ڪرائڻ ۽ بارش وسائڻ. اٿاهه سمنڊن جو مقرر وقتن تي موجون هڻڻ ۽ وري موٽڻ. اندلٺ جو پنهنجي هفت رنگي پل سان اکين کي مسحور ڪرڻ. صبح ۽ شام جو پنهنجي تر رنگي ڪرڻن سان دلين کي موهڻ. بلند پهاڙن جو برف سان ڇانئجڻ ۽ منجهائن بي‌انداز ندين جو ريلا ڏيئي لکها ميلن ۾ خدا جي خشڪ زمين کي آباد ڪرڻ. موسمن جي ڦيرگهير موافق فصلن، گاهن، ڦرن، ڦلن ۽ ميون جو ايرڻ، پچڻ ۽ سڪي وڃڻ. گجگاهه ٻيلن ۾ بي‌انداز لباتات جو ايرڻ، ڦرجڻ ۽ وري ناس ٿيڻ. پاڻي ۽ خشڪيءَ تي خدا جي بي‌انداز ۽ مختلف قسمن، جي مخلوق جو اسرڻ، ڦهلجڻ ۽ وري نابود ٿيڻ، ۽ انهن سڀني جي وچ ۾ حضرت انسان جي پنهنجن مختلف قبيلن، قومن، رنگن، جسمن، ڏندن، هنرن، مذهبن، عقيدن ۽ معاشرن سميت دنيا ۾ ڪامراني ڪرڻ. محبت ۽ عشق جا داستان رچائڻ، باهمي جنگ ۽ جدال جا دنگل لڳائڻ. اهي ۽ ٻيا هزارين قدرتي لقاءَ پسندي، هڪ حساس انسان جي دل ۾ ڪيترن قسمن جا سوال پيدا ٿين ٿا تہ آيا؟ هيءُ ڪائنات جو مانداڻ جيڪو سنڌيو ويو آهي تنهن کي ڪا انتها آهي يا نہ، جيڪڏهين نہ تہ ڪيستائين؛ ۽ ان جو خلقيندڙ ڪير آهي. ان آپائٺهار جي ماهيت ڇا آهي ان جي قدرت، طاقت، ۽ توفيق ڇا آهي، هيءَ ڪائنات ڇاجي لاءِ ۽ ڇا سان پيدا ڪئي اٿس، هن قدرت جي جنسار ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون غيبي طاقتون، ۽ پوشيده قوتون سمايل آهن. سج، چنڊ ۽ سيارا ڪهڙيون طاقتون آهن، ۽ انهن ۾ ايڏي جوت ڪٿان آئي، انهن کي اهو تحرڪ اها بي‌پناهہ مقناطيسي قوت ڪنهن ڏني، ۽ دلپذير فلڪ نيلگون ۾، هن من موهيندڙ ۽ اکڙين کي خيرہ ڪندڙ آسماني ڇت ۾ ڪيترا ڪروڙ تارا آهن. انهن جا محور ۽ مدار، گهرائي قطر ڪيتري مفاصلي ۾ پکڙيل آهن. اهي هڪبئي کان ۽ اسان جي ڌرتيءَ کان ڪيترو پري آهن، انهن سان ڪيترا گرهہ ۽ سيارا ۽ ٻچڙ آهن، اهي ڪهڙي طاقت تي بيٺل آهن. سمنڊن ۾ اها وسعت، اهو طلاطم، اها نيراڻ ڪنهن پيدا ڪئي. بادلن کي اها گرج ڪنهن ڏني، هوائن ۾ اهو شور ڪنهن آندو. زمين ۾ ان جي اندر ۽ ان جي مٿان جملي ڪيتري مخلوق آهي

مٿينءَ تصريح مان ظاهر ٿيو تہ ڪائنات جي ڇهن مکيہ عناصر مان روح ئی هڪ شيءِ آهي جنهن کي ڪجهہ حقيقت آهي باقي پيون ٻي شيون يعني مادو، وقت ۽ مڪان محض اعراض يا حوادث آهن. جن کي بذات خود ڪابہ حقيقت ڪانہ آهي، روح ڇا آهي، هيءُ اها شيءِ آهي جنهن لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايل آهي: ”وما اوتيتم من العلم اِلا“قليلا“ يعني تہ روح بابت اوهان کي بلڪل ٿورو علم ڏنو ويو آهي. انسان جو علم جيڪو زمان ۽ مڪان سان وابستہ آهي ۽ جيڪو مادي جي مظهر کان سواءِ سراسر انڌو آهي، سو روح جهڙي حقيقت جا پنهنجي اصليت ۾ مادي مظهر کان اڳي ۽ زمان ۽ مڪان جي فندن کان آزاد آهي تنهن جي ڪيئن خبر رکي سگهي ٿو. انسان کي روح بابت اهائي خبر آهي تہ هن بابت ڪابہ ڄاڻ نہ آهي سواءِ بلڪل ٿوريءَ ڳالهہ جي، جا انبياءِ ڪرام وٽان انسان کي حاصل ٿي آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي

# سنڌ ـ هندستان جو دروازو ۽ ان جي ادبي قدامت

اڄڪلهه دهليءَ ۽ بمبئيءَ کي "هندستان جا دروازا" ڪري ڪوٺيندا آهن، جن جون اشانيون، دهليءَ ۾ India Gate ۽ بمبئيءَ ۾ Gateway of India انگريزن جي صاحبيءَ ۾ اڏيا ويا. پر حقيقت ۾ هندستان جو جهوني ۾ جهونو دروازو اسان جو سنڌ ديس هو، جتي اهڙو ڪو به يادگار قائم ڪيل ڪونهي. پر آها سنڌ هاڻوڪي محدود سنڌ نه، ليڪن آڳاٽي "مها سنڌ" هئي، جنهن ۾ هاڻوڪو پنجاب ۽ قنڌار (گنڌار) پڻ اچي ٿي ويا. مشهور ڀاشا وگياني (Linguist) ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي اختياريءَ موجب، عيسوي سن کان اٽڪل ٢٥ صديون اڳ، آريه لوڪ، وچ ايشيا جي ڀوئن مان لهي، گهٽي ڀاڱي ايران جي رستي، اُن قديم سنڌ ۾ داخل ٿيا، جنهن کي "سپت سنڌو" (ست نديون) ڪوٺيندا هئا، جنهن مان هاڻوڪي پنجاب جون پنج نديون، موجوده سنڌ جيي سنڌو ندي، ۽ ستين سرسوتي ندي به وهندي هئي، جا پوءِ سُڪي ويئي. انهن ندين جي ڪنارن تي ئي آريه لوڪن پهرين پنهنجا ڏيرا وڌا، ۽ پوءِ رفتي رفتي مڌيه ديس ۽ اوڀر هندستان ڏانهن ڦهلبا ويا. بمبئيءَ جي پارت وگيانيءَ (Indologist) پادري هيرس جي سَنَد موجب، سنڌو نديءَ کي اهو نالو آرين کان آڳاٽن رهاڪن دراوڙن ڏنو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ "سند" يا "سندُو" لفظ جي معنيٰ هئي ندي يا درياهه. آرين اُن اکر کي ڦيرائي "سنڌ" يا "سنڌوَ" ڪيو، جنهن پٺيان سمورو ملڪ جنهن مان آها ندي لنگهي ٿي، تنهن تي "سنڌ" ديس جو نالو پئجي ويو. پوءِ اهو نالو ايراني واپارين "سنڌ" مان ڦيرائي "هند" ڪيو، جنهن مان هاڻوڪو "هندستان" ٿيو آهي، جو ته انهن سڄي هندستان جو نالو اهو ئي سمجهيو. تنهن کان پوءِ رومي واپارين ان کي وڌيڪ ڦيرائي "انڊ" ڪري ڇڏيو، جنهن مان هاڻوڪو "انڊيا" بڻيو آهي، جو به ڏيهي نالو آهي ۽ نه يورپي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. هندستان تي "ڀارت" نالو ته گهڻو پوءِ پيو، جڏهن راجا دشينت ۽ شڪنتلا جو پٽ ڀرت راڄ ڪندو هو. تنهنڪري ڏسبو ته سڄي ملڪ کي "هندستان" نالو ئي اسان جي سنڌو نديءَ ۽ سنڌ مان مليو آهي ۽ سنڌونديءَ جي سڀيتا (Civilization) اسان جي سنڌ مان ئي ڪجهي ساري هندستان ۾ ڦهلجي ويئي آهي. "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" عنوان سان ڪي سال کان "مهراڻ" مخزن ۾ هڪ گنڀير مباحثو چالو آهي، جنهن جي دوران ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

ڪمپنيءَ عربي آئيوينا ۽ لپي منظور ڪئي. هن لئين رسم‌الخط ۾ چار لجا سنڌي حرف ـــ ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ وڌائون؛ ۽ چار نجا عربي حرف ـــ ف، خ، غ ۽ ز بہ گڏيائون؛ ۽ ڪي فارسي ۽ ترڪي حرف پڻ ملايائون؛ جنهنڪري شايد دنيا ڀر ۾ ايترن حرفن واري آئيوينا ڪانہ ملندي. نتيجو اهو آهي جو سنڌي ماڻهن جي ڳلن مان ايترا نرم خواهہ سخت آچار نڪري سگهن ٿا، جيترا ٻيءَ ڪنهن بہ قوم جا لوڪ ڪين ڪڍي سگهندا.

هن مقرر عربي-سنڌي آئيوينا نهڻ ڪان پوءِ، سنڌي ساهت کي وڏي هٿي اچي ويئي، ۽ نثر جو دور تہ خاص طور ڏام ڌوم سان شروع ٿي ويو ـــ جنهن جي اڳي اٿاٿ هئي. ديوان ڪوڙومل، مرزا قليچ بيگ، ديوان ڏيارام، ديوان ليلارامسنگ، پرمانند ميوارام، حڪيم فتح محمد، ديوان واڌومل، ڀيرومل مهرچند، لعلچند امرڏنومل، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي ڀارا نثر جا اُستاد ڪنهن ڪان ڳجها آهن؟ ملڪ جي ورهاڱي ڪان پوءِ بہ، سنڌ ۾ توڙي هندستان ۾، انيڪ نوجوان سنڌي ليکڪ پيدا ٿي پيا آهن، جي نظم خواهہ ڪهاڻي ۽ ناول‌نويسيءَ ۾ سنڌي ادب کي مالامال ڪري رهيا آهن. سرحد جي ٻنهي پاسي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي کوجنا ۾ بہ ڪيترا معتبر عالم جُنبي ويا آهن، جن جا نتيجا عاليشان رسالن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿي رهيا آهن. تنهنڪري خاطريءَ سان هام هڻي سگهجي ٿي تہ سنڌي ساهت زنده آهي، ۽ ڪنهن بہ انديشي بنا اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي تہ ان جو آئيندو روشن رهندو.

ڊاڪٽر عبادت بريلوي
سنڌيڪار: عبدالقيوم 'صائب'

# تنقيد جي اوسر

پسگردائي وارين شين کي ڏسي، انهن بابت غور ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ سوچي سمجهي، صحيح رايو قائم ڪري، انهن سان خاميون ڪڍي ڪين سڌارڻ جو ماد و انسان ذات ۾ نہ هجي ها تہ جيڪر، اسين اڄ ايتري ترقي ڪري ڪين سگهون ها، زندگي اڄ بہ پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ قائم هجي ها ۽ ان جي ڪنهن بہ ڏس ۾ ڪا ڦيرگهير نظر نہ اچي ها. اجتماعي هئيت، تهذيب ۽ تمدن جو نالو نشان بہ نہ ٻڌجي ها ۽ نہ ڏسجي ها. انسان جهڙي طرح هن دنيا ۾ آيو هو، انهيءَ ساڳيءَ حالت ۾ اڄ بہ حياتي گذاريندو ۽ گهاريندو نظر اچي ها ۽ نت نئين ڦيرگهير، جيڪا ڏينهون ڏينهن ٿيندي رهي ٿي، سا خواب ۾ بہ ڪانہ ڏسجي ها.

انسان ذات جي، شين کي سڌارڻ واري صفت جي ڪري، زندگي ۾ انقلاب ايندو ۽ ڦرگهير ٿيندي رهي ٿي ۽ قدم قدم تي اهو احساس ٿو اڀري تہ هو، حياتيءَ جي چيڙهہ پيل ۽ منجهيل وارن کي صاف ڪرڻ ۽ سينگارڻ جي ڌن ۾ لڳو پيو آهي، اهائي خواهش اٿس تہ ڪاش! هو انهن سڀني شين کي وڌيڪ سهڻو ۽ سوڀياوان بڻائي سگهي. منجهس اها تمنا تڏهين پيدا ٿئي ٿي جڏهين هو آسپاس وارين شين جو اونهو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ، اهو محسوس ٿو ڪري تہ هنن ۾ خاميون، اوڻايون، ڪچايون ۽ گهٽتايون آهن، جي ٿوريءَ ڦيرگهير سان دور ٿي سگهن ٿيون ۽ نہ رڳو منجهن سونهن، سوڀيا ۽ دلڪشي پيدا ٿي سگهي ٿي پر پوءِ اتللدو اهي شيون زندگيءَ لاءِ وڌيڪ ڪارائتيون ۽ مفيد ٿيو پون، جنهنڪري انسانيت ترقيءَ جي منزل کي ويتر اوڏو پوندي ٿي رهي. بهرحال اهڙين اوڻاين ۽ ڪچاين جي سڌ لهي، اصليت معلوم ڪري، ڪين درست ڪرڻ ۽ دڳ لائڻ کي زندگي تي تنقيد ڪري سمجهيو وڃي ٿو.

تنقيد جو وجود حياتيءَ جي لاءِ نهايت اهم ۽ ضروري آهي. جيڪڏهين ماڻهوءَ چڱي ۽ مٺي کي پرکي نہ ڄاتو، خرابيءَ کي سٺائيءَ ۾ بدلائڻ جو خيال نہ آيس ۽ ڪيس اها سڌ ئي نہ پئي تہ حياتي ڪهڙين شين سان وڌيڪ چڱي، مڪمل ۽ سوڀياوان بڻبي ۽ ڪهڙين سان نامڪمل، اڻوڻندڙ ۽ نازيبي؛ جيڪڏهين هن کي پتو ئي نہ پيو تہ ڪهڙن متن تي هلڻ سان حياتي پنهنجي آدرش کي ويجهي پوي ٿي ۽ ڪهڙا اصول اختيار ڪرڻ سان انهيءَ مقصد حاصل

ڪرڻ ۾ ديرمدار ٿئي ته پوءِ چئبو ته هن حياتيءَ جي اصليت ۽ حقيقت کي پروڙيو ئي ڪين. هرهڪ انسان ۾ اهي ئي خاصيتون هونديون آهن، جن کي تنقيد چئجي ٿو. انهيءَ تنقيد جي ذريعي انسان حياتيءَ جي ڳجهن رازن کي جيستائين پليءَ پت نٿو پروڙي تيستائين تنقيد به اڌوري رهجي ويجي ٿي ڇاڪاڻ جو جڏهين زندگيءَ جي ڇاڻ ئي پوري سوري هوندس ته ان تي رايو وري ڪهڙو ڏيئي سگهندو يا ان کي ڪهڙي دڳ لائيندو؟ اهي ٻئي ڳالهيون لازم ۽ ملزوم آهن. نڪي حياتيءَ جي اڻپوري علم سان سڄي تنقيد ٿي سگهي ٿي ۽ نه وري تنقيد کان سواءِ هوءَ هڪ وک به اڳتي وڌي سگهي ٿي.

ادب ۽ تنقيد: جهڙي طرح تنقيد کان سواءِ زندگي هڪ وک به اڳتي وڌي نٿي سگهي تهڙي طرح ادب ۽ فن ٻئي تنقيد ۽ ڇنڊڇاڻ جا محتاج آهن ڇاڪاڻ جو انهن شين وسيلي انسان سان جيڪي روزمره وهي واپري ٿو تن جي هو ترجماني ٿو ڪري، ان ڪري جن شين جو لاڳاپو زندگيءَ سان ٿئي ٿو تن جو ادب ۽ فن سان به هڻڻ گهرجي. حياتيءَ وانگر ادب ۽ فن کي دڳ لائڻ، ان بابت سوچڻ ويچارڻ ۽ سندس ڇنڊڇاڻ ڪري، منجهس دلڪشي جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو خيال رکڻ پڻ ان سان دلچسپي رکندڙن ۽ ليکڪن جو پهريون فرض آهي. انهيءَ ڪري حياتيءَ وانگر ادب ۽ فن ۾ به تنقيد کي وڏي اهميت حاصل آهي. اهڙي طرح تنقيد پنهنجي اهميت کي مڃارائي، ادب ۽ فن ۾ پاڻ به فني حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي. جيڪڏهين ادب ۽ فن جي خالق کي اهو پتو ئي نه پوي ته ڪهڙي شي سندس تخليق جو سبب بڻي آهي، ان جي پيش ٿيڻ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون مددگار ۽ محرڪ رهيون آهن، ڪهڙن عنصرن ان کي دلفريب ۽ دلڪش بڻايو آهي، ته پوءِ جيڪر هو ڪو به چڱو ۽ معياري تخليقي ڪارنامو پيش ڪري ئي نه سگهي. فنڪار هرهڪ شاهڪار جي تخليق کان پوءِ، ان کي ڳوڙهي ڏيان سان ڏسي، ان ۾ جيڪي خاميون ۽ ڪچايون رهجي وڃن ٿيون سي دور ڪري ٿو ۽ تخليق واري عرصي ۾ به هن جون نظرون، پنهنجي تخليق تي الڳ الڳ گوشن ۽ زاوين کان پونديون رهن ٿيون.

مصور، جنهن وقت تصوير ٿو ناهي، تنهن وقت به هو اهيئي پور پچائيندو ٿو رهي ته آيا؟ بڻايل تصوير اصل جو هوبهو نقل آهي يا نه، يا جن جذبن ۽ احساسن کي هو ان تصوير ۾ اجاگر ڪرڻ ٿو گهري سي حقيقت ۾ اجاگر ٿيا به آهن!

ڳائڻو جنهن وقت پنهنجي فن جو مظاهرو ٿو ڪري ته هو پنهنجي هرهڪ تان، سُر ۽ لئي وقت انهيءَ ڳالهه جو خيال ضرور رکي ٿو ته آيا؟ هو پنهنجي فن جي مظاهري ۾ دلگهري ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي يا نه. جيڪڏهين ڪا گهٽتائي خيال ۾ اچيس ٿي ته ان جو پورائو اتيئي ڪندو ٿو رهي.

ناچو جنهن وقت پنهنجي جسماني اشارن جي ذريعي ڪن خاص جذبن ۽ احساسن ۾ پڌل راڳ ٿو ڇيڙي ته ڪيس اهو خيال دامنگير ٿو رهي ته آيا هو جن خاص جذبن ۽ احساسن جي

ان وقت بہ موجود هيون جڏهن ڪيس اها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ جيڪي ڪي هو ڪري رهيو آهي سا ڪا تنقيد آهي(١).

انهيءَ بحث مان پروڙ پوي ٿي تہ انسان، تنقيدي شعور تحت ئي پنهنجو تخليقي ڪارنامو پيش ڪيو. هن ڪي تنقيدي شعور ڪان اڳ ۾ زندگي مان منهن ڏيڻو پيو. هن سڀيئي هيئايون مٺاهيون ڏٺيون ۽ ويچار جي مدد سان انهن کي فن جي صورت ڏني. اهڙيءَ ريت هن تخليق کان اڳ زندگيءَ تي تنقيد ڪئي، ورنہ ڪيس پنهنجي تخليق جو موضوع هٿ ئي ڪين اچي ها. هن جي تخليق حياتيءَ بابت هڪ تنقيدي نقطہ نظر پيش ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ تنقيد جو وجود تخليق کان اڳ ۾ هو ۽ جڏهن ان تخليق کي سندس دوستن يارن ڏٺو تہ، ان بابت طرح طرح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. جهڙوڪ اها زندگي سان مطابقت رکي ٿي يا نہ وغيره. مطلب تہ اهڙا خيال ماڻهن جي دلين ۾ اچڻ لڳا. جا ٻئي هڪ قسم جي تنقيد هئي، جنهن مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ فني تخليق کي ڏسي ڪري رايو قائم ڪرڻ وارن بہ تنقيدي شعور ڪان ڪم ورتو. جيڪڏهين ائين نہ ٿئي ها تہ هو ان کي پليءَ پت پروڙي ڪين سگهن ها.

بهرحال تنقيد ڪنهن بہ دؤر ۾ تخليق کان پري ڪين رهي. فنڪار ۽ عوام ٻنهي جي لاءِ ان کان ڪم وٺڻ ضروري هو.

<u>تنقيد جي وصف</u>: تنقيد جي لغوي معنيٰ آهي 'پرکڻ' يا چڱي ۽ مٺي ۾ سنڌو سيڙهو ڪرڻ ۽ اصطلاح ۾ خوبين ۽ خامين جو صحيح اندازو ڪري، ڪو رايو قائم ڪرڻ کي تنقيد چئجي ٿو. انگريزيءَ ۾ تنقيد جي لاءِ (criticism) لفظ ڪتب اچي ٿو جنهن جي اصل معنيٰ آهي عدل ۽ انصاف(٢) ان ڪري هڊسن لکيو آهي، "ادبي نقاد ان کي چئبو آهي جنهن ۾ ڪنهن خاص فن پاري کي سمجهڻ ۽ ان تي ويچار ڪرڻ جي خاص صلاحيت هوندي آهي. ان فن جي ماهر جو ڪم آهي تہ ڪنهن فني تخليق کي ڏسي، پرکي، سمجهي، ويچاري ۽ ان جي چڱاين ۽ مٺاين جي جاچ ڪرڻ بعد ان جي قدر قيمت جو صحيح اندازو لڳائي(٣). اها چٽڪ تنقيد يا (criticism) جي لفظي معنيٰ آهي، پر جڏهن اسين تنقيدي ادب جو ذڪر ڪريون ٿا تہ سڌ پوي ٿي، تہ سمورو ادب جيڪو ادب جي ڌار ڌار صنفن بابت لکجي ٿو تنهن کي تنقيد ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، پوءِ ڪئي اهو انهن ادبي صنفن جي سمجهاڻي ڏئي، چنڊ ڇاڻ ڪري قدر ۽ اهميت جي خبر ڏئي يا ساڳي وقت منجهس اهي سڀ ڳالهيون اچي وڃن. تنقيد سيني

(1) R.A. Scott-James: the making of literature PP-16 to 20.

(٢) فريد وجدي: دائرة المعارف، جلد ١٩-٢٦٥. حامدالله افسر: نقدالادب ص ٦ ڊاڪٽر زور: روح تنقيد ص ٣٨ نياز فتحپوري: انتقاديات جلد ٢. ادبيات اور اصول نقد ص ٢٧٦.

Hudson: Introduction to the study of literature P-316.

(3) Hudson: Introduction to the study of literature P-346.

جي انهن نظرين تي بدل ٿين ٿا جيڪي ڪنهن خاص سماج (Society) جي قدرن سان لاڳاپو رکن ٿا ۽ انهن جي جهلڪ تنقيد ۾ به نظر اچي ٿي. نظريا مختلف ٿين ٿا ان ڪري تنقيد ۾ يڪساني، يڪرنگي ۽ هڪجهڙائيءَ جو پيدا ٿيڻ ڏکيو آهي. اهي نظريا ساڳئي دؤر ۾ مختلف ٿي سگهن ٿا ڇاڪاڻ جو هرڪو ماڻهو پنهنجي پنهنجي نموني ۾ سوچي ويچاري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو نه رڳو مختلف زمانن ۾ پر ساڳئي دؤر ۾ به تنقيد جو معيار مختلف شخصن وٽ الڳ الڳ ٿي سگهي ٿو. ساڳئي وقت ۾ هڪڙو ماڻهو عينيت پسند ٿي سگهي ٿو ته ٻيو حقيقت پرست! هڪڙو نقاد ڪنهن ادبي تخليق ۾ صرف سماجي ۽ عمراني قدرن کي ڏسي ته ٻئي جي لاءِ وري نج جمالياتي قدرن جي تلاش ضروري ٿي سگهي ٿي.

اهي اختلاف سدائين ٻئي رهيا آهن ۽ رهندا، پر وڏيڪ علمي ڳالهه هيءَ آهي ته ادبي تخليقن ۾ سماجي ۽ عمراني قدرن سان گڏ جمالياتي قدرن جو پڻ جوڳو خيال رکڻ کپي ڇاڪاڻ جو ادب جي لاءِ ٻنهي قدرن جو وجود لازمي آهي.

تنقيد ۽ جماليات: زندگي جي قدرن جي جاچ جوچ جو ذڪر ٿي چڪو، هاڻي ادبي ۽ فني قدرن جي سلسلي ۾ جماليات ڏانهن ڌيان ڏيڻ به ضروري آهي. تنقيد ۽ جماليات جو ڳهاٽو سٻنڌ آهي پر ان تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾ جماليات جي اصليت ۽ حقيقت ۽ ادبيات سان سندس لاڳاپي تي غور ويچار ڪري وٺڻ گهرجي.

جماليات، فيلسوفيءَ جي هڪ شاخ آهي، جنهن جي شروعات پهريائين پهريائين يونان ۾ ٿي. يونانين اول (١) علم ڪائنات (Cosmology) (٢) نفسيات ۽ (٣) انساني فعل جي مقصدي نظريي (Theory of Purpesive Human Activity) ۾ جماليات جي جهلڪ ڏٺي؛ پر پوءِ جماليات انهن دائرن سان نڪري سونهن جي ما بعد الطبيعات واري صورت اختيار ڪري پنهنجي هڪڙي مستقل حيثيت بڻائي ورتي جنهن ۾ يا ته سونهن ڏانهن روح جو لاڙو بيان ٿيل ٿو يا انسان جي ناهيل سهڻين شين بابت نظريا قائم ڪيا ۽ پيش ڪيا وڃن ٿا(١). مطلب ته اهڙي طرح جماليات جو ٻج ڦٽو، وڌيو، ويجهيو ۽ اڳتي هلي چڱي خاصي فيلسوفي بڻجي پيو جنهن کي سونهن بابت ويچارڻ جو فلسفو چئي سگهجي ٿو.

جماليات جو اصطلاح نئون آهي. اهو انگريزي لفظ Aesthetic جو ترجمو آهي جنهن جي لغوي معنيٰ هرڪا اها شيءِ آهي جنهن جو لاڳاپو حس ۽ خاص ڪري لطيف حس سان هجي، ان لحاظ سان (Aesthetic) جو ترجمو حسيات يا وجدانيات جيڪر وڏيڪ سونهين پر حسيات تي نفسيات جي ان شاخ هئڻ جي غلط فهمي پيدا ٿئي ٿي جنهن جو لاڳاپو حس جي قوت ۽ ان جي محسوسات سان ٿئي ٿو. وجدانيات تان ذهن وري تصوف ڏانهن وڃيو نڪري، قياس ٿو ٿئي ته اها ڪا القائي يا حالي ڪيفيت هوندي. (Aesthetic) جو اصل ۾ انهن ڳالهين سان ڪو ويجهڙائيءَ وارو ناتو ڪونهي پر ان جو موضوع آهي سونهن ۽ فنون لطيفه جنهنڪري جماليات جو اصطلاح

(1) Katherine Evertt Gilbert & Helmet kuhur, A History of Aesthetic P-3.

ڪوڙي شيء ٿي وڃي باقي بچي، جنهن جي روشنيء ۾ انهيء تصوير کي پرکجي(۱). مطلب ته عينيت پسند سونهن کي فقط سونهن جي حدن ۾ محدود نٿو ڪري سگهي. ان ۾ ڪيس ڪن ٻين قدرن کي به ڳولڻو پوندو. شعوري طور تي هو ان کان بچڻ جي ڪوشش به ڪئي ڪري پر بيخبريء ۾ هو ان کان پاسو ڪري نٿو سگهي.

اهو ئي سبب آهي جو ڪي عينيت پسند پنهنجي نظريي تي قائم هوندي به حقيقت پرستيء جا مجندڙ ٿين ٿا ۽ نه رڳو منجهن سماجي قدرن جو احساس ٿئي ٿو بلڪ انهن جي تخليقن ۾ پڻ سماجي زندگي جا اثر ڏسجن ٿا. هنن تي به حالات جو اثر ٿئي ٿو ۽ هو انهن کي پنهنجي فن جو موضوع بڻائين ٿا. تنهنڪري ادب ۽ فن جي سماجي اهميت کان ڪنهن به صورت ۾ انڪار نٿو ڪري سگهجي.

حقيقت ڪري ادب ۽ فن جا ٻه پهلو ٿين ٿا. هڪڙو سماجي يا افادي ۽ ٻيو فني يا جمالياتي. تنقيد جي لاء انهن ٻنهي پهلوئن جي ڳولا لازمي آهي. تنقيد ساڳئي وقت سماجي قدرن جي کيرچار اهي ۽ جمالياتي پهلوئن کي آجاري ٿي. سندس سماجي اهميت جي ڪري ان جو سلسلو زندگي جي تنقيد سان وڃيو ملي(۲). ان تي پنهنجي وقت جي مروج فيلسوفاڻي ۽ سماجي نظرين جو اثر پوي ٿو. اهي خيال ۽ نظريا هرهڪ دور ته ڇا بلڪ ساڳئي دور ۾ پڻ مختلف ٿين ٿا ۽ منجهن ڇڪتاڻ هلندي رهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو تنقيدي نظرين ۾ ايڏو فرق ڦير ۽ اختلاف ٿو ڏسڻ ۾ اچي.

تنقيد جا مغربي نظريا: انسان جڏهين کان وٺي ادب پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهين کان وٺي تنقيدي خيال ۽ نظريا به وجود ۾ اچڻ لڳا. مغرب ۾ انهن خيالن ۽ ويچارن جو هڪڙو سلسلو نظر اچي ٿو، جنهن جي شروعات يونانين جي زماني کان ٿئي ٿي. انهن اڏمن ۽ ويچارن سان گڏ اختلافن جو هئڻ به لازمي امر آهي، جي پڻ ساڳي شدت اختيار ڪن ٿا.

جيتوڻيڪ تنقيدي نظريي تي ارسطو جو پهريون لکيل ڪتاب ”فنِ شاعري“ (Poetics) ملي ٿو تنهن هوندي به ان کان اڳ واري يوناني ادب ۾ تنقيدي اشارا مليو وڃن. ”اهڙو جهوني ۾ جهونو تنقيدي اشارو هومر جي اليڊ (Illiad) جي ارڙهين باب ۾ ملي ٿو. هومر ان سونهري نقش جي تعريف ٿو ڪري جيڪو هيفيسٽس هڪڙي ڍال تي بنايو هو. ڍال تي انهيء ڪاريگر هر ڏنل زمين جو نقش ڪڍيو هو، جنهن کي هومر هيئن ٿو بيان ڪري:

هر جي پويان زمين جو رنگ ڪاراڻ تي مائل ۽ کيڙيل زمين جهڙو هو، حالانڪ اهو سمورو ڪم سون جو ٿيل هو. اهو ان هنر جو معجزو هو.

---

(۱) ڊاڪٽر عبدالعليم: ادبي تنقيد کي بنيادي اصول: مطبوعه ”نيا ادب ڪيا هي“ ص ۲۲

(۲) عزيز احمد: فنِ شاعري (Aristotles' Poetics) ص ۴۳

ان جملي ۾ جيڪا تنقيدي صفت آهي تنهن جي پروفيسر ”برنارڊ بوزانڪي“ ڪولي سمجهائي ڏني آهي. ان جملي ۾ يونان جي شاعر نه رڳو هنرمند جي هنر ۽ ڪاريگر جي ڪاريگري جي ساراهه جا ڏڪ پريا آهن بلڪ هوبهو نقشو ڪيڻ جي ڏکيائيءَ جو پڻ وڏي خوبيءَ سان اندازو ڪيو آهي.

هي اشارو هڪ اهڙي فن ڏانهن هو جيڪو شاعريءَ کان مختلف هو مگر شاعريءَ بابت ٻهريون تنقيدي اشارو وري اسان کي هومر جي ٻي تصنيف اوڊيسي (odesi) ۾ ملي ٿو:

انهيءَ مقدس ڳائڻي ڊيموڊوڪس کي سڏايو ڇاڪاڻ جو ڏٺي تعاليٰ ان کي جهڙي ڳائڻ جي صلاحيت ڏني آهي تهڙي ٻئي ڪنهن کي عطا نه ڪئي اٿس سو رڳو ان ڪري ته هو پنهنجي مرضيءَ موجب ڳائي ماڻهن کي خوش ڪري.

ان ۾ هيٺيان تنقيدي اشارا آهن:

شاعر ڳائڻي کي مقدس ۽ راڳي کي هڪ خداداد نعمت ڪري ليکيو آهي ۽ گيت ڳائڻ جو مقصد هي بيان ڪيو آهي ته انسان ذات کي خوشي (لطف) حاصل ٿئي ٿي.— هومر کان سواءِ يوناني ڊراما نگارن جي تخليقن ۾ به هرهنڌ تنقيدي اشارا ملن ٿا. جهڙوڪ ارسٽوفنز (Aristophanes)، يوريپائيڊيز جي واتان چورائي ٿو، ”آءٌ اسٽيج تي ۽ شيون، جيڪي مون روزمره جي زندگي مان چونڊيون آهن، سي پيش ڪريان ٿو(۱).

افلاطون وٽ به تنقيدي جهلڪ ملي ٿي. شاعرانه الهام يا القا بابت هن، سقراط جي واتان هي ظاهر ڪيو آهي، ”پهريائين شعر جي ديويءَ ذريعي شاعرن کي القا ٿئي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ القا سان هو گهڻن ئي ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا. جيئن ته اهي شاعر جن کي الهام ٿئي ٿو، سي جنون جي اصول جا پابند ڪونه ٿين ان ڪري هو هڪڙي ئي قسم جي شاعري ڪري ٿا سگهن. دل کي ڇڪيندڙ نظم انساني ڪوشش جو نتيجو نه آهن بلڪ قدوسي ۽ قدرت جي تخليق ٿين ٿا. شاعر ته فقط ديوتائن جي ارشاد جي بيان جو ذريعو آهن(۲).“ افلاطون کي سياست سان دلچسپي هئي ۽ هن رياست ۾ شاعري کي ڪا اهم جاءِ ڏيڻ تي گهري پر هو پنهنجي نقطه نگاهه کان شاعر جو مقام ۽ مرتبو مقرر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو. خير هن کي شاعري سان دلچسپي هئي ۽ ان جي ويچارن مان گهڻن ئي ماڻهن فائدو ورتو، پر هن ان طرف مستقل ڌيان نه ڏنو.

ٻهريون شخص جنهن تنقيد ڏانهن سچ پچ ته ڌيان ڏنو سو آهي ارسطو، جنهن تنقيد کي سياسيات، اخلاقيات ۽ فيلسوفي کان الڳ ڪري، ان جي انفراديت ذهن نشين ڪرائي. هن ٻه ڏار ڏار ڪتاب (۱) (Poetics) ۽ (۲) (Rhetorics) لکيا جن ۾ يونان جي سموري تنقيد جو روح موجود آهي(۳). هن فن شاعري ۾ شاعري ۽ ان جي مختلف صنفن تي روشني وڌي

(۱) عزيز احمد: فن شاعري.
(۲) عزيز احمد: ايضاً ۹۸ ص.
(۳) عزيز احمد: ايضاً

۽ حزنيہ ۽ طربيہ وغيره تي ڪليل ۽ واضح بحث ڪيو آهي(١). هو چوي ٿو ته شاعري نقل جو اهو وجدان (Instinet of Imitation) آهي جنهن سان لطف ۽ حظ حاصل ٿئي ٿو. هوءَ تناسب جو احساس (Instinet of harmony) پڻ آهي، جنهن بعد هو يوناني ڊراس ۽ ڊراما نگارن بابت ڏگها بحث ٿو ڇيڙي(٢).

ارسطو تي افلاطون جو اثر آهي. نقل جو تصور افلاطون جي نظريي تي قائم آهي ڇاڪاڻ جو هو هن دنيا جي زندگي کي عالمِ مثال جي زندگي جو نقل ڪري ٿو مڃي. نقل جو فيلسوفاڻو ويچار هن افلاطون کان حاصل ڪري شاعريءَ سان لاڳو ڪيو آهي. هو افلاطون وانگر دنيا کي عالمِ مثال جو هڪ نقل مڃيندي چوي ٿو ته شاعري لفظن جي ذريعي هن دنيا جي ماڻهن جي عمل ۽ فعل جو نقل ڪري ٿي. ارسطو جي مضمون ۾ عالمِ مثال جي جڳهہ آهي ۽ نہ ضرورت. افلاطون کي شاعري ان ڪري نٿي وڻي جو هن جي خيال موجب اها ”نقل جو نقل ۽ عڪس جو عڪس“ هجڻ ڪري اصل کان گھڻو پري آهي. ارسطو نقل کي ضرور مڃي ٿو پر نقل جي نقل واري نظريي کي تسليم نٿو ڪري. ارسطو جنهن نقل جي بنياد تي شاعريءَ جي پيڙهہ ٻڌي آهي سا افلاطون جي نقل واري تصور سان نهڪي اچي ٿي. هن جو چوڻ آهي ته اها نقل آهي مگر نقل جو نقل ڪانهي. هي اهو بنيادي فرق آهي جيڪو افلاطون ۽ ارسطو جي فيلسوفاڻي خيالن ۾ ڏنو وڃي ٿو(٣).“ اهو نقل جيتوڻيڪ زندگي جو هوبهو نقل ڪونهي تاهم زندگيءَ سان نهڪيو ضرور اچي ۽ ماڻهو انهيءَ ۾ اصل کان وڌيڪ دلچسپي ڏيکارين ٿا. هن جي ويچار مطابق شاعريءَ جو لاڳاپو جذبن سان آهي پر هن زبان ۽ بيان جي خوبين تي پڻ زور ڏنو آهي.

ارسطو واري شعر جي نظريي جو سموري دنيا تي اثر پيو آهي. شروعات ۾ روم جي شاعرن ۽ مفڪرن تي ان جو گهرو ۽ گهاٽو اثر پيو ٿو ڏسجي. اتي جي فيلسوفن تنقيد کي قاعدن ۽ بيان تائين محدود ڪري ڇڏيو هو. سسيرو (Cicero) جي دؤر تائين اهائي حالت رهي. هوريس ان خيال ۾ ڦيرگهير ڪئي ۽ اهو به چيو ته تنقيد ۾ ارسطو جي ويچارن سان فائدو پرائڻ مناسب آهي. هن جيڪو ننڍڙو رسالو (Ars poetica) نالي لکيو تنهن جي پيڙهہ ارسطو جي ويچارن تي ڪنئي وئي آهي. ڪن هنڌن تي هن جيڪي خيال پيش ڪيا آهن تن ۾ ارسطو جي ويچارن ۾ ڪو معمولي فرق ۽ تفاوت ٿو ڏسجي. هن جي خيال موجب شاعريءَ جو مقصد نہ رڳو لطف ۽ شريني ڏيڻ پر اصلاح ڪرڻ به آهي پر اهو ارسطو جي بحث جو منطقي نتيجو ڪونهي. هو فن جي هستيءَ کي خراب ٿو سمجهي. هن جي لاءِ لکڻ پڙهڻ تنقيدي ڪارنامو پيش ڪرڻ لاءِ ضروري ڪونهي بلڪ ان جي لاءِ ذهين ۽ چالاڪ هجڻ لازمي آهي(٤). هوريس کان پوءِ روم ۾ ڪوئنٽلين کي وڏي اهميت حاصل آهي ڇاڪاڻ جو هن شاعري سان گڏ نثر

(1) Sainsbury: A history of criticism V.I-p-30, (2) Ibid. (٣) عزيز احمد: فن شاعري ص ٣-١١
(4) Saintsbury: A history of criticism pp 221-229-

سڌني شاعريءَ تي بحث ڪندي ڪندي وچي ڪلاسڪيت ڏانهن لڙندو ۽ شاعريءَ جي لطف اندوزي واري پهلوءَ تي زور ڏئي ٿو. بن جانس پنهنجي وقت جي ادبي ماحول کان پريشان ۽ نااميد ٿي ڪري ان ۾ انتشاري ڪيفيت کي ڏسندي ان نتيجي تي ٿو پهچي ته جهونن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي(١).

سترهين صديءَ جي نقادن تي ان جو گهاٽو ۽ اونهو اثر پيو. هن زماني ۾ پيا نقاد فرانس ۾ پيدا ٿيا جن ۾ بوائلن وڏي اهميت جو مالڪ آهي. ان جي خيال موجب شاعريءَ جو ڪم آهي ته هو فطرت کي هڪ خاص سانچي ۾ وجهي ڇڏي. هو ارسطو جي خيالن جي پيروي ڪرڻ ضروري ٿو سمجهي. هو چوي ٿو ته شاعرن کي يوناني شاعرن جي ڪلام جو اپياس ڪرڻ گهرجي. اها آهي ڪلاسيڪي اثر جي انتها، ان ڪري ان جو ردعمل به ٿيو(٢).

برطانيه ۾ ڊرائيڊن (Dryden) پهريائين پهريائين ڪلاسڪيت جي خلاف آواز ڪڍو ڪيو. هن چيو ته ارسطو، تنقيدي نظرين بابت جن اصولن جو اظهار ڪيو آهي سي يوناني ادب کي اڳيان رکي جوڙيا آهن ۽ هرڪنهن ملڪ جي لاءِ انهن جي تقليد ڪرڻ مناسب ڪانهي. هن جي خيال موجب ادب هڪڙي اهڙي قوت آهي جنهن کي سدائين پنهنجي زماني جي ترجماني ڪرڻ گهرجي. قومي ۽ ملڪي امتيازن ۽ نظرين ۾ اختلاف ۽ تفاوت جي مدنظر ادب جي خاصيتن جو الڳ الڳ هئڻ لازمي آهي. هن جي خيال مطابق شاعريءَ جو مقصد ابدي خوشي هئڻ گهرجي(٣). جنهن ۾ لطف اندوزي ۽ خوشي ٻئي اچي وڃن ٿيون. هن فن کي اهو نقل ڪري چاتو ۽ سمجهيو جيڪو اصل کان پنهنجي خاصيت جي بنا تي وڌيڪ سونهن ڀريو ۽ حسين ٿئي ٿو. شاعريءَ جي انهيءَ خاصيت کي جيڪا اصل کي نقل کان ڌار ٿي ڪري تنهن کي تخيل (Imagination) ڪري ٿو چئجي(٤).

ڊرائيڊن جي تنقيدي خيالن ۽ اصولن تنقيدي دنيا ۾ وڏيون ۽ اهم ڦيرگهير آنديون. ارڙهين صديءَ جي نقادن لاءِ انهيءَ تخيل وڏو ڪم ڏنو(٥). پوپ، ايڊيسن ۽ برڪ به گهڻو ڪري ساڳين خيالن کي پيش ڪندا رهيا جن مان ايڊيسن ۽ برڪ تخيل جي قوت تي، فيلسوفي ۽ نفسيات جي روشني ۾ بحث ڪيو، جنهن جي پيڙهه لاڪ جي فلسفي جي قائم ڪيل آهي. انهن جا خيال پڻ اهم آهن ڇاڪاڻ جو اڄڪلهه جي نفسياتي نقاد وانگر هو به فن جي مفيد پهلوءَ تي برابر بحث ڪندا رهيا آهن(٦).

---

(1) Rebecca west: Tradition criticism p-183
(2) Scott James: the making of literature p-138
(3) Rebecca west: Tradition in criticism p-184
(4) Rebecca west: Ibid in p-184
(5) Scott James: the making of literature p-153
(6) Rebacca west Iradition in criticism p-186

اهي خيال گھڻو وقت جٽاءُ ڪري نٿا سگھن. انهن جو رد عمل ٿيڻو هو، سو ٿيو. ماڻهن کي جڏهن اها خبر پئجي ويئي ۽ پڪ ٿي ته ان نظريي ۾ ڪيترين ئي خرابيون آهن ۽ اهي تصوريت يا عينيت جي پاڇي ۾ پرورش پاتل هڪڙي خاص طبقي جا خيال آهن ته هنن انهيءَ جي خلاف آواز ڪڍڻ و ڪيو. ان سلسلي ۾ پهريائين پهريائين مارڪس ۽ اينجلس آواز اٿاريو ۽ انهيءَ حقيقت ڪان آگاهه ڪيو ته حسن ڪاري ۽ ادب، اجتماعي هئيت ۽ تمدن جي نظام جي خدمت ۾ ڦهلاءَ ۽ تبليغ جو اوزار ٿي ڪم اچن ٿا ۽ جيئن ته تهذيب و تمدن جو ٺيڪو هيل تائين مٺاهين طبقي ۽ سرمايه دارن جي هٿ رهيو آهي تنهنڪري، اسان جا اديب ۽ شاعر اڃا تائين جنهن تهذيب جي نمائندگي پيا ڪن اها اقليت جي تهذيب هئي جا هڪڙي ٿوري تعداد واري جماعت جي پيدا ڪيل چيز هئي جنهن کي عوام جي زندگيءَ سان ڪو لاڳاپو ڪونه هو. هن وقت جيئن ته سڄي دنيا ۾ زبردست انقلاب جي ضرورت آهي، سرمايه داري جي آپ سان ڳالهيون ڪندڙ عمارت ڪرڻ تي آهي، ان جي جاءِ تي جمهوريت ۽ مزدورشاهيءَ جي نئين اوساري ڪجي رهي آهي، تنهنڪري ادب جي رسم و رواج ۾ به ڦيرگھير جي گهرج آهي. هن وقت تائين اديب سرمايه داري جي عشرت گاهه جو مزور هو ۽ هڪڙي مخصوص جماعت جي هلت چلت، نفسيات ۽ ميلانات، ان جي ڪل ڪائنات هئي. مگر هاڻي اديب کي اجتماعي شعور ۽ جمهوري ذهنيت جو آئينه دار ٿيڻ گهرجي. کيس گهرجي ته هو واقعي کي تخيل تي ترجيح ڏئي ۽ مادي دنيا تي نظر رکي ورنه اسين عوام سان گڏجي گذاري ڪونه سگهنداسين (۱).

مطلب ته مارڪس ۽ اينجلس وارن اها تحريڪ هلائي، جنهن سان فن ۽ ادب جي هٽن ۾ علم ۽ افاديت جو جهنڊو کڙو ٿيو. هن تحريڪ عينيت پسندن جي تخيلي تصورن ۽ نظرين جون پاڙ هون لوڏي ڇڏيون، ليڪن انهن نظرين ۽ ڏرين ۾ اڄ تائين بحث مباحثو ٿيندو رهي ٿو، جنهنڪري تنقيدي دنيا ۾ ڪيترين ئي نيون تحريڪون پيدا ٿي پيون آهن، نقادن مختلف مڪتبِ فڪر ٺاهي ورتا آهن ۽ هرهڪ ڌر پنهنجي پنهنجي نظريي تي علمي بحث ڪري ان کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. انهيءَ بحث مباحثي ۾ ان ڪري به اختلاف آهي جو خود سماجي زندگي هڪڙي مستقل ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ ۾ آهي ۽ عينيت پسندي ۽ حقيقت پرستيءَ ۾ به وٺ پڪڙ لڳي پيئي آهي.

تنقيد زماني جي واقعن ۽ حالتن سان گڏ بدلبي، ڦرندي گهرندي ۽ فڪر ۽ ويچار جي بدلجڻ ڪري پاڻ به ان موجب هلندي رهي ٿي؛ نه رڳو ايترو پر چاڪاڻ جو ڦير گهير ۽ مٽ سٽ جي ڪيفيت زندگيءَ جي هرڪنهن ڏس ۾ پوري اوج تي آهي تنهنڪري تنقيد ۾ به ايون نيون شاخون ڦٽي پيون آهن. اهڙيون به تحريڪون آهن جيڪي ڏسڻ ۾ ته عجيب

(1) Lunacharsky: Lenin on Art & literature p. 96.

۽ غريب اچن ٿيون ۽ جيڪڏهين انهن کي سماجي پس منظر ۾ ڏنو ويندو ته معلوم ٿيندو ته انهن جا بج ڦٽڻ گهربا هئا.

جديد مڪتب فڪر ۽ نوان تجربا: روايت مان نت بغاوت جا چشما ڦٽيو نڪرن؛ سو تنقيد ۾ پهريائين پهريائين بغاوت ليسنگ، هرڊر، ڪولرج، ورڊسورٿ، ٽين، ڊي-سٽيل ۽ سينٽ بيو آندي جنهن جو ذڪر اڳيئي ٿي چڪو آهي. اها نئين تنقيد جي شروعات هئي جنهن ۾ ڪيترائي نوان رجحان ۽ لاڙا-جمالياتي، عمراني، نفسياتي-نظر اچن ٿا. اهي سڀئي رنگ هنن نقادن جي لکيتن ۾ موجود آهن. اوڻيهين صديءَ جي مکيه خاصيت هي آهي ته هوءَ انهن مان ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ کي اڳيان رکي صداقت ۽ سچائيءَ جي ڳولا ڪري ٿي. اهي نقاد جيڪي ادب برائي ادب ۽ فن برائي فن جا گهوريا آهن تن ادب ۽ فن کي زندگيءَ کان ٻنهه ڌار نه ڪيو آهي. والٽر پيٽر جي (Renaissance) ۾ ان خيال جو اظهار ٿو ڏسجي ته ادب برائي ادب جو مطلب ان کان سواءِ بيو ڪجهه به نه آهي ته ادب يا فن، جذبي يا احساس جي ترجماني ڪري، هر ڪنهن شيءِ جو نعم‌البدل بڻجي ۽ زندگيءَ سان هم آهنگ ٿيڻ کان سواءِ ائين ٿي نٿو سگهي(۱). ليسنگ، هرڊر، ڊي-سٽيل ۽ ٽين سماجي پهلوءَ تي زور ڏنو. ڪولرج ۽ ورڊسورٿ فيلسوفاڻي ويچار کي رائج ڪيو ۽ سينٽ بيو وري تاريخي رجحان ڏانهن لاڙو ڏيکاريو. بقول ٽي. ايس. ايليٽ، هو مؤرخ نه، بلڪ تنقيد ۾ علم حيوانات جو ماهر آهي(۲).

انهن ويچارن ۽ نظرين کي اڏو رکي تنقيد جو بنياد رکيو ويو آهي. فڪر ۽ ويچار جي دنيا ۾ نين شاخن جي ڦوٽهڙي ۽ گونچن جي اسرجڻ ڪري ڪيترائي نوان گل ٽڙيا. اول اول سماجي ۽ عمراني نظرين ڏيکائي ڏني، جن جي ابتدا ٽين ڪئي. هن چيو ته فني تخليق کي ايستائين نٿو سمجهي سگهجي جيستائين ان زماني جي ذهني ۽ سماجي حالتن جو اندازو نه ٿي وڃي ڇاڪاڻ جو انهن ئي حالتن ۾ سندس تخليق جو راز لڪل ٿئي ٿو(۳). ان نظريي ۾ واڌارو ٿيو آهي جنهن تي مارڪسي تنقيد جي پيڙهه بڌي ويئي آهي. ان ۾ نقادن پنهنجي خيال موجب نالي ماتر ڦير گهير آندي آهي، جنهن جو اثر علمي هئڻ جي ڪري سڄي دنيا ۾ وڃي پکڙيو. ان ڪري ادبيات جي حد علم‌الاقوام (Anthropology) ۽ علم‌اللسان (Philology) سان وڃي ملي آهي. هربرٽ ريڊ ان ڏانهن ڌيان ڏيندي (Phases of English Poetry) ۾ بحث ڪندي چوي ٿو ته شعر ۽ ادب جي سمجهڻ لاءِ انهن ٻنهي علمن کي ڄاڻڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ جو سندن سلسلو به اتائين شروع ٿئي ٿو.

ٻيو رجحان جمالياتي آهي جنهن جي شروعات لان جائينس جي (On Sublime) کان ٿي. هو ڪيتريون ئي منزلون طئي ڪري، جماليات ۾ اچي ٿو ڪولرج سان ملي، جنهن کي ڪروچي

---

(1) T.S. Eliot: Experiment in criticism p-201.
(2) T.S. Eliot: Esperiment in criticism p-204.
(3) Taine: philosophie de 1' Art v.I.p-7.

تنقيد تي پڻ فني نقطہ نگاهہ سان بحث ڪيو ويو ۽ ان جا باقاعدي اصول جوڙيا ويا. ابن جعفر قدامہ جو ڪتاب نقدالشعر ۽ ابن رشيد جو العمده ان جي ثابتيءَ لاءِ ڪافي آهن. انهن کان سواءِ جاحظ "البيان والتبين"، ابن عبد ربہ "العقد الفريد"، ابو علي قالي "امالي" ۽ ابوالفرج اصفهانيءَ "ڪتاب الاغاني" ۾ ڪتاب جي خوبين ۽ هڪجڙائي کي ڪولي بيان ڪيو آهي.

ڏسجي ٿو تہ ان دؤر ۾ تنقيد پهريائين معنيٰ ۽ مطلب تائين محدود هئي ۽ پوءِ لفظن کي جاءِ ملي ۽ لفظن جي تنقيد جي سلسلي ۾ علم معاني و بيان ۽ علم بلاغت مان ڪافي مدد ملي. ثعالبي، المتنبي تي جيڪا تنقيد ڪئي آهي ان مان اها سڌ پوي ٿي تہ نقاد عباسي دؤر ۾ معنيٰ ۽ مطلب وانگر لفظن کي پڻ وڏي اهميت ڏيڻ لڳا هئا.

عربن ۾ گهڻائي نقاد ٿي گذريا آهن، جن ۾ قدامہ ابن جعفر، ابن رشيق، ثعالبي، ابوعبدالله المرزباني، ابن قتيبہ، جاحظ، ابو هلال عسڪري، عبدالقادر جرجاني، ابو يعقوب سڪاڪي، ابن خلدون ۽ ٻيا مشهور آهن. مگر انهن سڀني جا تفصيل پيش ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي ۽ نہ سولو. رڳو ايترو ڄاڻڻ گهرجي تہ عرب تنقيد ۾ معنيٰ، مطلب بيان ۽ ان جي ڌاردار اصطلاحن- فصاحت، بلاغت وغيره جو ذڪر گهڙي ۽ ڇپي ڇپي تي اچي ٿو. ان تي نُي تنقيد جي بيڙهہ رکيل آهي، جنهن جو اثر فارسيءَ جي ذريعي اسان تي پڻ ٿيو، جو اسان جي ابتدائي تنقيد ۾ ظاهر پيو ڏسجي. پروفيسر حامد حسن قادري جي چوڻ موجب ڪهنا عرب نقاد ادب برائي ادب جا قائل آهن ۽ شعر و ادب ۾ اسلوب بيان کي خاص اهميت ڏين ٿا. ان ڪري هنن علم معاني ۽ بيان ۾ باريڪيون پيدا ڪيون آهن ۽ انهن تي ڪتاب لکيا آهن. ڪلام مجيد جي معجزڪاري بہ عربن جي شعر و ادب ۽ نظريي تي وڏو اثر وڌو. ڪلام الله جو سمورو لفظي معجزو معاني ۽ بيان آهي ۽ انهن علمن مان ڪلام ۾ سونهن، زور، فصاحت، بلاغت ۽ بيان جا نمونا پيدا ٿين ٿا. اهڙن علمي بحثن جي پيروي ۽ استعمال جي عربي، فارسي، اردو شعر و ادب تي اثر ڪيو* ۽ انهيءَ اثر هيٺ نقادن تنقيد جا اصول نباهي راس ڪيا(۱). مگر مغربي تنقيد جو انداز نرالو آهي ۽ ان ڪري ٻنهي ۾ اصطلاحن ۽ ادبيات جو اختلاف وڌيڪ ٿو نظر اچي. عربي تنقيد تي يوناني تنقيد جو چڱو خاصو اثر پيو آهي. ڪيترن نُي نقادن ارسطو جو اثر قبوليو آهي، ليڪن مجموعي طور تي ڏسجي ٿو تہ انهيءَ اثر جي ڪا خاص اهميت ڪانهي.

بهرحال تنقيدي نظرين جو اهو مختصر بيان آهي. هي نظريا وڏي اهميت رکن ٿا ڇاڪاڻ جو انهن جي اثر هيٺ اچي ادب، فن ۽ ان جي تخليق جا اصول جوڙجن ٿا، جن جي وسيلي صحيح رايو قائم ڪرڻ، ڪين جاچڻ ۽ پرکڻ ۾ مدد ملي ٿي. اهي ساڳيا نظريا وري فن ۽ ادب ۾ سهڻو ماحول ۽ فضا پيدا ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت خود فنڪار کي بہ صحيح پيچري جي سڌ پوي ٿي.

---

* ساڳيو اثر سنڌي ادب تي بہ پيو آهي. مترجم

(۱) حامد حسن قادريءَ جو خط ڊاڪٽر عبادت بريلوي ڏانهن

ٻڌائي، سماج آڏو پيش ڪن ته جيئن انهن جو اثر گهاٽو ۽ اونهو ٿئي ۽ ماڻهو انهيءَ مان ڪو صحتمند اثر قبول ڪن ۽ ان ريت سماجي زندگي کي ڪو فائدو پهچي.

انهن سڀني ڳالهين سان گڏ تنقيد بذات خود به اهميت رکي ٿي. ان جي پنهنجي به تخليقي حيثيت آهي. هوءَ به هڪڙو فن آهي ۽ فن جهڙي اهميت رکي ٿي. ادب وانگر اسلوب بيان ۽ طرز ادا کي پڻ تنقيد ۾ گهڻي ۾ گهڻو دلچسپ بڻائي ان ۾ جمالياتي خوبيون پيدا ڪري سگهجن ٿيون. ان جي فني حيثيت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ جو هرحال ۾ اهو به هڪ قسم جو ادب آهي.

تنقيد وڏي اهميت رکي ٿي جنهن کان سواءِ ادبي چشمي جي وهڪري ۾ رواني پيدا ٿي نٿي سگهي اٽلندو ان جي خشڪ ٿي سڪي وڃڻ جو امڪان آهي. اهو سبب آهي جو هر هڪ ملڪ جي ادب ۾، هر ڪنهن دؤر ۽ زماني ۾ ان جو وجود ملي ٿو پوءِ ڪٿي اهو ڪهڙي به صورت ۽ نموني ۾ هجي.

مگر ۲۲۷۵ ق. م ۾ ايران جي هڪ "عيلامي" ناليِ قبيلي اچي سُميريه تي قبضو ڪيو. انون جو مرڪزي شهر "لارسا" هو. عيلامين آرَ جي شهر کي هميشه لاءِ تباهه ڪري ڇڏيو. هي ماڻهو نه سُميري هئا نه سامي، بلڪ هڪ نامعلوم نسل سان تعلق رکندا هئا(۱). ساڳئي زماني ۾، ڏکڻ عربستان جي اصلوڪن رهاڪن، ڪن سببن جي ڪري، اتر طرف هجرت ڪئي. هو آهستي آهستي سُميريه تي ڇانئبا ويا ۽ ۲۱۰۰ ق. م ڌاري عيلامين جي سياسي طاقت کي ختم ڪري، "بابل" جي شهر کي پنهنجي گادي جو هنڌ مقرر ڪيو. آتان "بابلي تهذيب" شروع ٿئي ٿي. ڏکڻ عربستان کان اِهي نوان اينڌڙ قبيلا سامي نسل سان تعلق رکندا هئا ۽ تاريخ ۾ انهن کي "عموري سامي" ڪري ڪوٺيو آهي. انهيءَ قبيلي اگرچ سياسي فوقيت حاصل ڪئي مگر تهذيبي لحاظ کان سُميري ڪانئن گهڻو اوچا هئا. ان ڪري سُميرين جي ڇڏيل تهذيبي ورثي مان بابلين گهڻو ڪجهه پرايو جنهن جو بيان "بابلي تهذيب" واري حصي ۾ ملندو.

مذهب: سُميرين جو شروعاتي زمانو، حضرت نوح جي ڏنل تعليمات جي مطابق هو. هو توحيد جا قائل هئا(۲) ۽ پنهنجي آس پاس جي وحشي قبيلن کي شرڪ ۽ بت پرستيءَ کان روڪيندا هئا. سندن ترقيءَ جو اصل سبب به اهوئي هو ته هو خدا کي هڪ ڪري سمجهندا هئا. خدا جي مخلوق کي به هڪ ڪري سمجهندا هئا ۽ انساني برادريءَ جا پڻ قائل هئا. حضرت نوح عليه‌السلام جيڪو الاهي قانون ڪين ڏنو هو ان جي مطابق عمل ڪندا هئا. بادشاهن ۽ سردارن جو اصل مقصد انهيءَ قانون کي نافذ ڪرڻ جو هو ۽ حڪومت هرممڪن طريقي سان انهيءَ کي نافذ ڪري پنهنجو فرض سرانجام ڏيندي هئي. مگر پوءِ آهستي آهستي ڪري هو شرڪ ۽ بُت پرستيءَ ۾ مبتلا ٿي پيا. سندن دُنيوي ترقي سندن روحاني ۽ اخلاقي تنزّل جو باعث بني. هر شهر جي سردار مرڪزي حڪومت کان بغاوت ڪئي ۽ ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهن جي شهر جو ڪو خاص بت مقرر ڪيو. اهڙيءَ ريت هر شهر ۽ هر رياست جو خدا الڳ ٿي پيو. تيپور شهر وارن پنهن جو خاص خدا ڌرتيءَ جو ديوتا "اين-ليل" يا "ايل-ليل" مقرر ڪيو جنهن جي پوڄا لاءِ انهن پڪين سِرن جو هڪ زبردست منارو يا مندر ناهيو. انهيءَ واقعي کي "توريت" ۾ قومن ۽ شهرن جي هڪٻئي کان جدا ٿيڻ ۽ هڪٻئي کي نه سمجهڻ جو منڍ قرار ڏنو ويو آهي(۳). حقيقت ۾ آهي به ائين ئي. شرڪ ۽ بت پرستي ئي سُميرين جي پڌيءَ ۽ اتحاد کي ختم ڪرڻ جو سبب بنيا، جنهن جو نتيجو باهمي لڙاين ۽ آخرڪار ڏکڻ عربستان جي سامي قبيلي "عموريءَ" جي عروج جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. شرڪ ۽ بت پرستيءَ جو نتيجو غلاميءَ جي صورت ۾ ظهور پذير ٿيو.

---

(1) H. G Wales, The Outline of History, Ed: 1951 P. 165

(۲) ابوالڪلام آزاد. ترجمان‌القرآن جلد اول ص ۱۲۹ ڇاپو زمزم ڪمپني لاهور ۱۹۴۷ع.

(3) H. G. Wales: The Outline of History, P. 164

توريت، ڪتاب پيدائش ب ۱۱ آيت ۱-۹.

بخت نصر کان پوءِ، اُن جا پويان عيش ۽ عشرت ۾ غرق ٿي ويا. نتيجي ۾ سن ٥٣٩ ق. م ۾ ايران جي بادشاهه خسرو ذوالقرنين(١) (Cyrus) بابل جو شهر فتح ڪري، بابلي ڪلداني حڪومت کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

تمدن: سارگون اعظم جي زماني کان وٺي ڏکڻ عربستان جي سامي قبيلن سُميريه ۾ هجرت ڪرڻ شروع ڪئي هئي ۽ ٻه هزار قبل مسيح کان پوءِ تہ هو ان علائقي جا مستقل طور تي حاڪم بہ بڻجي ويا هئا مگر تمدن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ انهن سيڪجهه سُميرين کان ورتو ۽ پوءِ اُن ۾ ڪجهه اضافو ڪيائون.

سُميريه ۾ اچڻ کان اڳ هي قبيلا وحشي ۽ جهنگلي هئا. شڪار ۽ جانورن جي پالنا سندن خاص ڏنڌو ۽ معاش جو ذريعو هو. مگر سُميريه ۾ اچڻ کان پوءِ انهن سُميرين جي نئي تمدن کي اختيار ڪيو. پيو تہ ٺهيو پر خود مذهب بہ سُميرين وارو اختيار ڪيائون. لکڻيءَ جو طريقو بہ ساڳيو ميخائون ۽ ٽڪنڊو يا ڪيونيفارم هلندو رهيو۔ ۽ مذهبي تقدس واري زبان بہ سُميري ئي رهي، اگرچ اڳتي هلي بابلي سامي زبان عام ڳالهائڻ ۾ اچي ويئي. ڪلدانين جي دؤر ۾ هر نقط نگاهه کان ڪلداني بابلي زبان کي اهو شرف حاصل ٿي ويو جو ٻه هزار ورهيہ اڳ سُميريءَ کي حاصل هو. مشرق قريب ۾ اها ئي زبان بين الاقوامي حيثيت حاصل ڪري وئي. مذهبي، علمي ۽ تجارتي هئڻ جو شرف بہ انهيءَ کي حاصل ٿيو.

بابلين جو خاص ڌنڌو تجارت هو. انهن جا تجارتي قافلا ۽ جهاز ٻري پري تائين ويندا هئا. نديون ۽ نهرون يا تہ پُلين جي ذريعي پار ڪندا هئا ۽ يا وري ٻيڙين وسيلي. سندن ٻيڙين جا ڪئين نمونا هوندا هئا جن مان ٽوڪري جهڙيون ٻيڙيون تہ اڄ بہ بغداد جا ملاح استعمال ڪن ٿا(١). تجارتي روانگي عام طور تي اناج، تيل، کجور، چمڙو ۽ مٽيءَ جا ٿانوَ هوندي هئي ۽ آمدنيءَ جون خاص شيون هيون: سون، چاندي، ٽامو، پٿر، ڪاٺ، لوڻ ۽ غلام(٢).

ڪلداني دور بابلي عروج جو زمانو هو. علم ۽ صنعت ۾ ساريءَ دنيا جو بهترين ملڪ هو. علم نجوم (Astronomy) ۾ ڪلداني عالمن تمام گهڻي مهارت پيدا ڪئي هئي(٣). انهن ڏينهن رات کي چوويهن ڪلاڪن ۾ ورهايو هو ۽ سال کي وري ٻارهن قمري مهينن ۾ ورهايو هون، جن مان هر مهينو ٽيهن ڏينهن جو هوندو هو ۽ بعضي بعضي وري سال ۾ هڪ ”واڌو مهينو“ (Intercalary) وڌائيندا هئا تان تہ شمسي حساب سان سال پورو بيهي(٤). تارن ۽

---

(١) مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي ڪتاب ”ذوالقرنين“ ۾ اها ڳالهہ واضح دليلن سان ثابت ڪئي آهي تہ قرآن مجيد ۾ جنهن ذوالقرنين جو ذڪر آهي اهو سڪندر يوناني بادشاهہ نہ بلڪ خسرو يا سائرس ايران جو بادشاهہ هو.

(2) Chamber's Encyclopaedia. Art: Babylonian Vol: 2
(3) Hays & Moon: World History. Macmillan 1957- pp 36-38
(4) Wall bank & Taylor: Civilization. U.S. 1949 Vol I-pp 85
(5) Chamber's Enc:

هو ۽ جنهن جي باري ۾ اهو خيال هو تہ هو زمين تي فرعون جهڙي صورت ۾ اچي ٿو حڪومت ڪري(۱).

اڳتي هلي انهيءَ تڪي جي مشهوري ويتر ختم ٿي ويئي ڇو تہ پيا بہ ڪئين ديوتا نڪري نروار ٿيا جهڙوڪ 'سين يا چنڊ' ديوتا، 'شمش يا سج' ديوتا، 'عد"اد يا طوفان' ديوتا ۽ 'عشتر ديوي.

بابل جو خاص ديوتا بعل مردوخ آن دور ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪري ويو جڏهن سندس باري ۾ اها آڪاڻي ماڻهن ۾ پکڙي تہ آن طياست نالي هڪ آرڙ نانگ جي شرارتن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. انهيءَ روايت جي پکڙجڻ کان پوءِ عام ماڻهن وٽ ڪيس سيني ديوتائن کان مٿاهون درجو مليو ۽ سندس صفتون ساڳيون اين ليل واريون مقرر ڪيون ويون. حمورابيءَ بعل مردوخ کي بابلي سلطنت جو وڏي ۾ وڏو ديوتا مقرر ڪيو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ جيڪو قانون نافذ ڪيائين، ان جي باري ۾ بہ اهو ئي مشهور ڪيائين تہ آهو ڪيس مردوخ عطا ڪيو هو(۲).

بابلي پنهنجي ديوتائن جي پوڄا لاءِ هڪڙا منارا ٺاهيندا هئا، جن کي هو "زغورت" ڪري ڪوٺيندا هئا. انون جي شڪل هن ريت هوندي هئي.



زغورت جي مٿينءَ ماڙيءَ تان هُو ستارن جي پوڄا ڪندا هئا. اها ستارن جي پوڄائي هئي، جنهن علم نجوم (Astronomy) کي جنم ڏنو(۳).

انهيءَ زماني ۾ ڪن شهرن ۾ بادشاهن جي پوڄا جو رواج بہ پنجي چڪو هو. حضرت ابراهيم جي قصي جو تعلق بہ اهڙي قسم جي هڪ بادشاهہ نمرود سان آهي.

(1) E.O. James, The ancient Gods (1960) pp-73-76.

(2) Jack Finegan, Light from the ancient past 1947 pp. 47-49.

(3) Concise Enc: of Archaeology.

قانون: جڏهن ڪان انسان هڪ هنڌ گوٺ ٻڌي ويهڻ سکيو تڏهن ڪان منجهس قانون جي شروعات ٿي چو تہ قانون ڪان سواءِ معاشري جو هلڻ ۽ ترقيءَ طرف قدم وڌائڻ ناممڪن بنجيو پوي.

اهو قانون زماني سان گڏ ترقي ڪندو هليو ۽ حمورابيءَ جي دؤر حڪومت تائين ڪافي ترقي ڪري چڪو هو. حمورابيءَ جو قانون هڪ ڏکي پٿر تي اڪريل مليو آهي ۽ اُن تي ڪل ۲۸۵ قانون لکيل آهن (۱). انهن جو تعلق انساني معاشره جي تقريبا سڀني حصن سان آهي. موجوده زماني جي مروج قانونن جي نسبت اهي قانون ڏکيا آهن. يهودي ۽ اسلامي قانون سان گهڻي مشابهت ٿا رکن.



(1) Hays & moon, Hist: of world.

LIBRARY



اسان، اقوام متحده جي ماڻهن،
فيصلو ڪيو آهي ته
ايندڙ نسلن کي جنگ جي عذاب کان بچايون، جنهن خود اسان جي زندگيءَ ۾ ٻه ڀيرا انسانذات کي بي انت ڏک پهچايا آهن:
بنيادي انساني حقن ۾، انساني شخصيت جي حُرمت ۽ قدر ۾، ۽ عورتن ۽ مردن توڙي ننڍين ۽ وڏين قومن جي هڪجهڙن حقن ۾، نئين سر اعتقاد پيدا ڪريون:
اهڙيون حالتون وجود ۾ آڻيون، جن ۾ انصاف کي قائم ڪري سگهجي، ۽ عهدنامن ۽ بين الاقوامي قانون جي ٻين طريقن مان پيدا ٿيندڙ فرضن کي برقرار رکي سگهجي:
۽ ڪشاده تر آزاديءَ جي فضا ۾، معاشرتي ترقيءَ ۽ زندگي جي بهتر معيارن کي فروغ ڏيون:

۽، انهن مقصدن خاطر،
رواداريءَ جي هلت هلون، ۽ سٺن پاڙيسرين جيان هڪٻئي ۾ صلح ۽ امن سان گڏجي رهون:
بين الاقوامي امن ۽ سلامتي لاءِ پنهنجيءَ قوت کي متحد ڪريون:
اصولي ۽ عملي ذريعا اختيار ڪري، هن ڳالهه جي خاطري ڪريون ته هٿياربنديءَ جي طاقت، باهمي مفاد کان علاوه، ڪنهن به صورت ۾ استعمال نه ٿيندي:
۽ بين الاقوامي وسيلن کي سڀني ماڻهن جي اقتصادي ۽ معاشرتي بهبوديءَ لاءِ ڪم آڻيون.
اسين عهد ٿا ڪريون ته
انهن مقصدن جي پورائيءَ لاءِ
گڏجي ڪوشش ڪنداسين.

["اقوام متحده" جي چارٽر جو مهاڳ]